ABC Certified
REG NO. 3833
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) سومر 08 جنوري 2024ع بمطابق 25 جمادي الاثاني 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 223

اليڪشن ڪميشن جي سيڪريٽري عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي، طبيعت ۾ ناسازي سبب استعيفيٰ ڏني آهي: عمر حميد

عمر حميد طبيعت ۾ ناسازي سبب عهدي تان استعيفيٰ ڏني آهي. چيف اليڪشن ڪمشنر اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري جي استعيفيٰ منظور ناهي ڪئي

عمر حميد جو ٻن سالن جو ملازمت جو مدو گذريل سال جولاءِ ۾ ختم ٿيو هو پر چيف اليڪشن ڪمشنر سندس ملازمت جي مدي ۾ هڪ سال واڌ ڪئي هئي

اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري جي استعيفيٰ اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي، جڏهن ملڪ ۾ عام چونڊون ويجهو آهن

اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري ڪورونا سبب موڪل تي آهي ۽ ان جي استعيفيٰ بابت ڪا اپ ڊيٽ ناهي، عمر حميد هڪ ذهين ۽ محنتي آفيسر آهي: اليڪشن ڪميشن ترجمان

طبيعت ڪجهه ڏينهن کان خراب هئي ۽ هن وقت ميڊيڪل ريسٽ تي آهي، ڪيس صحت اجازت ڏني ته جلد پنهنجا فرض انجام ڏيندو. اليڪشن ڪميشن مڪمل طور فعال آهي

موڪلن جي ڏينهن ۾ به اليڪشن ڪميشن جون آفيسون ڪليل آهن ۽ سيڪريٽري جي غير موجودگي ۾ اسپيشل سيڪريٽري سٺي طريقي سان ڪم هلائي رهيو آهي

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري عمر حميد پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي. ذريعن موجب عمر حميد طبيعت ۾ ناسازي سبب پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏني آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا اڃا تائين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اليڪشن ڪميشن جو سيڪريٽري عمر حميد (فائل فوٽو)

8 فيبروري تي عوام تير تي ٺپو هڻي نوجوان قيادت کي اڳيان آڻي: بلاول ڀٽو

مون کي پنهنجي شهر لاهور ۾ اچي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي ته مان پنهنجي شهر لاهور مان چونڊن ۾ حصو وٺي رهيو آهيان: ورڪر ڪنوينشن کي خطاب

اسان کي نه ڪنهن پٽواري جي ضرورت آهي نه ئي ڪنهن ٻئي جي مون کي صرف عوام جو ساٿ گهرجي. هي اسان کان پڇن ٿا ته اوهان هتي ڇو آيا آهيو؟

اسان جو مقابلو مهانگائي، بيروزگاري ۽ غربت سان آهي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي لاهور ۾ وڏيون اسپتالون ٺاهينداسين ته جيئن ڪنهن کي به علاج جي لاءِ ٻاهر نه وڃڻو پوي

پنجاب جي هر ضلعي ۾ مفت علاج جا ادارا ٺاهينداسين عوام کي گهرن جي فراهمي اسان جي اولين ترجيح آهي 300 يونٽ تائين بجلي مفت ڏينداسين پگهار ٻيڻ ڪنداسين

ڪارڪن ملي جدوجهد ڪندا ته اسان لاهور پاڪستان جي قسمت تبديل ڪنداسين، ڇا هن ملڪ جي قسمت ۾ لکيل آهي ته اسان کي هڪ ئي ماڻهو کي وزيراعظم بڻائڻو آهي؟

پ پ جي حڪومت هوندي ته غربت جو خاتمو ٿيندو. پ پ جي منشور ۾ سمورن مسئلن جو حل آهي. اوهان سڀ منهنجا سفير بڻجي گهر گهر وڃو

لاهور: (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته لاهور ڪنهن ڪاروباري يا راندليگر جو نه صرف ذوالفقار علي ڀٽو جو شهر آهي. لاهور جي علائقي ٽائون شپ ۾ ورڪر ڪنوينشن کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته مون کي پنهنجي شهر لاهور ۾ اچي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي ته مان پنهنجي شهر لاهور مان چونڊن ۾ حصو وٺي رهيو آهيان. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

لاهور: پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ورڪرز ڪنوينشن کي خطاب ڪندي

سنڌي اديب اسان جي معاشري جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن: اطلاعات کاتي وارو نگران صوبائي وزير

اسان هتي انساني حقن بابت ڳالهائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. سنڌي اديب به اسان جي معاشري جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

نوجوان ملڪ کي ترقي وٺرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سنڌي نوجوان کي پڻ تمام گهڻو متحرڪ ڏسي رهيا آهيون

اسان پرائيويٽ سيڪٽر تي انحصار نه ٿا ڪري سگهون. نوجوانن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻو پوندو

ڪراچي (م د) سنڌ جي اطلاعات، اقليت معاملن ۽ سماجي تحفظ واري نگران وزير ۽ آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي صدر محمد احمد شاه سنڌي ايسوسي ايشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) سنڌ ڪانفرنس 2024 ۾ خاص شرڪت ڪئي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ڪرم ۾ مسافر ڪوچ ۽ ڪار تي فائرنگ، سيڪيورٽي اهلڪارن سميت 4 ڄڻا مارجي ويا

صده بازار پرسان مسافر ڪوچ ۽ ڪار تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا

حملي آورن پارا چنار کان پشاور ويندڙ ٻن گاڏين کي نشانو بڻايو: ڊي پي او

جوابدارن جي گرفتاري جون ڪوششون جاري آهن ۽ علائقي ۾ سيڪيورٽي وڌائي وئي آهي

ڪرم (م د) ڪرم ۾ مسافر ڪوچ ۽ ڪار تي فائرنگ ۾ عورت ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن سميت 4 ڄڻا مارجي ويا ۽ 3 زخمي ٿي پيا. ڊي پي او ڪرم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

لاهور ۾ مفت کاڌو نه ڏيڻ تي پوليس اهلڪارن جو هوٽل ملازم تي تشدد

لاهور (م د) بيگم ڪوٽ چوڪي جي پوليس اهلڪارن مفت کاڌو نه ڏيڻ تي هوٽل ملازم کي تشدد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

صحرا کے دوہے اور گیتوں بھرا ریگستان
ڪراچي: نامور اديب هڪ ڪتاب جي مهورتي تقريب ۾ شامل آهن

بنگلاديش ۾ عام چونڊون، مخالف ڌر جو بائيڪاٽ، ڇڪريون

اپوزيشن جي وڏين جماعتن شيخ حسينه واجد جي نگراني ۾ ٿيندڙ اليڪشن کي غير منصفاڻو قرار ڏئي ڇڏيو: ميڊيا

بنگلاديش جي عام چونڊن جا شروعاتي نتيجا جو اعلان سياڻي تائين ٿيڻ جو امڪان آهي

مخالف ڌر جي بائيڪاٽ سبب هڪ ڀيرو وري شيخ حسينا واجد جي وزيراعظم بڻجڻ جو امڪان آهي

ڍاڪا (م د) بنگلاديش ۾ عام چونڊن لاءِ پولنگ جو وقت مڪمل ٿيڻ کان پوءِ ووٽن جي ڳڻپ جو عمل جاري آهي. پرڏيهي خبررساں اداري جي رپورٽ موجب بنگلاديش نيشنل پارٽي (بي اين پي) سميت اپوزيشن جي وڏين جماعتن شيخ حسينه واجد/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڇا ڪنهن چونڊيل ميمبر جو ٺهراءَ جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ وڏو گناهه آهي: سينيٽر ڪهدا بابر

چونڊيل ميمبر جي ٺهراءَ جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ ڪبيرا گناهه آهي

مان هر تنقيد ڪندڙن کي ٻڌو پر سيني جا داستان ذاتي مفاد کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه ناهي

اسلام آباد (م د) بلوچستان عوامي پارٽي جي سينيٽر ڪهدا بابر چيو آهي ته ڇا ڪنهن چونڊيل ميمبر جي ٺهراءَ جي حق ۾ ووٽ ڏيڻ ڪبيرا/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

ملتان مان جمشيد دستي جي زال جا نامزدگي ڪاغذ منظور

ملتان (م د) اليڪشن ٽربيونل مظفر ڳڙهه مان پي ٽي آءِ جي اميدوار جمشيد دستي جي زال نازيا دستي جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا آهن ملتان ۾ اڳوڻو ايم اين اي جمشيد دستي. سندس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

حيدرآباد: سخت ٿڌ سبب ماڻهو مچ ٻاري ويٺل آهن

پي ٽي آءِ باني کي قيادت تان هٽائڻ جو فيصلو سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ڊسمبر 2023 واري فيصلي کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي: استدعا

فيصلو ڪالعدم نه ٿيڻ جي صورت ۾ ڪيس لاهور هاءِ ڪورٽ منتقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي پارٽي چيئرمين شپ تان هٽائڻ واري فيصلي کي سپريم ڪورٽ ۾ چئلينج ڪري ڇڏيو. درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ڊسمبر 2023 واري فيصلي کي ڪالعدم قرار

ملڪي قرض ۾ هڪ سال اندر 12 هزار 430 ارب روپين جي وڌيڪ واڌ رڪارڊ

هڪ سال اندر ملڪي ڪل قرض ۾ 12 هزار 430 ارب روپين جو اضافو ٿي ويو: ميڊيا رپورٽس

وفاقي حڪومت جو قرض نومبر 2023ع تائين وڌيڪ 63 هزار 390 ارب روپين تائين پهتو. مقامي قرض 40 هزار 956 ارب روپين تي پهچي ويو

هلندڙ مالي سال جي شروعاتي 5 مهينا (جولاءِ کان نومبر 2023ع) جي دوران وفاقي حڪومت جو قرض 2 هزار 549 ارب روپيا وڌيو

ڪراچي (م د) هڪ سال اندر ملڪي ڪل قرض ۾ 12 هزار 430 ارب روپين جو اضافو ٿي ويو. ميڊيا رپورٽس ۾ اسٽيٽ بينڪ دستاويز جي حوالي سان ٻڌايو ويو ته وفاقي حڪومت جو قرض نومبر 2023ع تائين وڌيڪ 63 هزار 390 ارب روپين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

حڪومت ڪانٽريڪٽ بيسڊ سمارٽ فونز پاليسي متعارف ڪرائي ڇڏي

عوام کي آءِ فون جي قسطن تي فراهمي جي باقاعدي طور شروعات 12 جنوري کان ٿيندي

آءِ فون ان آڇ ۾ شامل هوندي، پي ٽي اي قسط جي ادائيگي ۾ ناڪامي جي صورت ۾ هينڊ سيٽس کي بلاڪ ڪيو ويندو: نگران وزير

پاليسي تحت ٽيلي ڪام ڪمپنين کي قسطن جي منصوبن ذريعي واهپيدارن کي سڌي ريت سمارٽ فونز پيش ڪرڻ جو موقعو ملندو

اسلام آباد (م د) نگران حڪومت ڪانٽريڪٽ بيسڊ سمارٽ فونز پاليسي متعارف ڪرائي ڇڏي ۽ عوام کي آءِ فون جي قسطن تي فراهمي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد قيصر جا نامزدگي ڪاغذ درست قرار

پشاور (م د) اليڪشن ٽربيونل قومي اسيمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر جي اپيل منظور ڪندي سندس نامزدگي ڪاغذ به صحيح قرار ڏئي ڇڏيا آهن. اليڪشن ٽربيونل جي جج جسٽس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

فضل الرحمان چونڊ ملتوي ڪرڻ جي ٺهراءَ جي حمايت ڪري ڇڏي

جيڪڏهن چونڊون ملتوي ٿي وڃن ته آسمان نه ڪِري پوندو. اسان جلسن ۾ نٿا وڃي سگهون

اسان جي جلسن ۾ شرڪت تي ماڻهن کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: ڳالهيون

اسلام آباد (م د) جمعيت علماء اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته ماحول جي بهتري لاءِ جيڪڏهن چونڊون ملتوي ٿي وڃن ته آسمان نه ڪِري پوندو. نجي ٽي وي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي مولانا فضل الرحمان چيو ته چونڊن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

تعليم کاتي جي لوئر اسٽاف کي ترقيون ملي ويون

22 سالن بعد ترقيون ملي ويون ڪلاس فور جي ملازمن مان بيچيني ختم

اسان جون ترقيون سالن کان رهيل هيون، نگران حڪومت ۾ ڪيون ويون آهن: ملازم

ڪراچي (رپورٽر) تعليم کاتي جي لوئر اسٽاف کي 22 سالن بعد ترقيون ملي ويون ڪلاس فور جي ملازمن ۾ بيچيني ختم. ميرٽ تي ترقيون ڏيڻ تي لوئر اسٽاف پاران نگران حڪومت جي ساراهه. ملازمن کي 22 سالن کان بعد ترقيون ملڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي ۾ 14 ڪروڙ جو فراڊ ڪندڙ جوابدارن جي خلاف ڪيس داخل

مصطفيٰ گوري ۽ رميز نلي جوابدارن جي خلاف فراڊ جي رقم مان پراپرٽي خريد ڪرڻ جي الزام ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو

جوابدارن بقايا رقم ورهائڻ لاءِ خانگي بينڪ جي مختلف برانچن ۾ موجود پنهنجا اڪائونٽ استعمال ڪيا

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ مني لانڊرنگ ۽ ڪائونٽر فنانس ۽ ٽيررازم سرڪل (ايف آءِ اين ٽي) ڪارروائي ڪندي 14 ڪروڙن کان وڌيڪ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي: صدر پاڪستان عارف علوي سيلاني ويلفيئر ٽرسٽ جي اڳواڻن سان ملاقات ڪندي

پاڪ نيوي عربي سمنڊ ۾ جنگي جهاز مقرر ڪري ڇڏيا

ميري ٽائيم سيڪيورٽي جي تازن واقعن سبب ڪنيو ويو آهي

پاڪستاني واپاري رستن جي حفاظت يقيني بڻائڻ لاءِ پيٽرولنگ جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) پاڪ نيوي عربي سمنڊ ۾ پنهنجا سامونڊي جهاز مقرر ڪري ڇڏيا. هي قدم ميري ٽائيم سيڪيورٽي جي تازن واقعن سبب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ملڪ خطرن باوجود اليڪشن ڏانهن وڃي سگهي ٿو: مرتضيٰ سولنگي

حڪومت جو ڪم ججن جي تبصري تي تبصرو ڪرڻ ناهي: پروگرام ۾ ڳالهيون

اسلام آباد (م د) اطلاعات بابت نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي چيو آهي ته اسان جي سيڪيورٽي فورسز باصلاحيت آهي، ملڪ خطرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

آرٽ ۽ ڪلچر جي ترقي لاءِ ڀرپور قدم کڻنداسين: ڪامران ٽيسوري

ملڪ جو آرٽ ۽ ڪلچر دنيا ۾ منفرد آهي، ترقي لاءِ ڀرپور قدم کنيا ويندا

آرٽ ۽ ڪلچر کي هٿي ڏيڻ لاءِ ملڪن ۾ لاڳاپا آرٽ شو ڪيا وڃن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) ڪريسينٽ آرٽ گيلري جي چيئرمين ناصر جاويد ۽ سي اي او سمير ناصر سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري سان گورنر هائوس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪراچي: ڪامران ٽسوري سان هالينڊ جو اعزازي قونصل جنرل ملاقات ڪري رهيو آهي

روس پاران 2030 تائين 32 هزار ڊرون ٺاهڻ جو فيصلو

يوڪرين سان جنگ ڪانپوءِ روس وڏي انگ ۾ ڊرون استعمال ڪندو

روس ۽ يوڪرين ٻئي ملڪ جنگي سامان جو انگ وڌائي رهيا آهن: ميڊيا

ماسڪو (م د) روس 2030 تائين هر سال 32 هزار ڊرون ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب فيبروري 2022 کان يوڪرين سان جنگ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي ۾ تيزاب گردي، 55 ورهين جي عورت سڙي فوت

عورت جو اڳوڻو نياڻو ڪيس 6 مهينن کان ڌمڪيون ڏئي رهيو هو: پوليس

ٻن نقاب پوش ماڻهن گهر ۾ داخل ٿي عورت تي تيزاب اڇلايو

ڪراچي (م د) ڪراچي جي علائقي گلستان جوهر ۾ تيزاب گردي سبب 55 ورهين جي عورت فوت ٿي وئي. پوليس موجب عورت جي ڏيءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

گيس جي قيمتن ۾ رڪارڊ واڌ باوجود بدترين لوڊشيڊنگ عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

گيس جي قيمت ۾ 200 سيڪڙو تائين واڌ جي باوجود مختلف علائقن ۾ گيس جي لوڊشيڊنگ

گيس جي قيمتن ۾ تازي واڌ شهرين جي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي

اسلام آباد: (م د) گهريلو صارفين جي لاءِ گيس جي قيمت ۾ 200 سيڪڙو تائين واڌ جي باوجود ملڪ جي مختلف علائقن ۾ گيس جي بدترين لوڊشيڊنگ جو سلسلو جاري آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

حماد اظهر ۽ صنم جاويد جا نامزدگي فارم رد، چونڊ وڙهڻ لاءِ نااهل قرار

اپيليٽ ٽربيونل جي جج ريٽرننگ آفيسر جو فيصلو بحال رکندي، درخواستون رد ڪري ڇڏيون

صنم جاويد مريم نواز جي مقابلي ۾ چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪيو

اسلام آباد: (م د) تحريڪ انصاف جي اڳواڻ حماد اظهر ۽ ڪارڪن صنم جاويد جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا آهن. اپيليٽ ٽربيونل جي جج جسٽس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پرڏيهه مان ڪراچي ايئرپورٽ ايندڙ وڌيڪ ٻن مسافرن ۾ ڪورونا وائرس جي سڃاڻپ

هڪ مسافر جو تعلق قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻئي جي پنجاب واسي طور سڃاڻپ ٿي

ٻنهي مريضن ۾ امڪاني نشانين کي نظر ۾ رکندي ريپڊ اينٽيجن ٽيسٽ ڪيا ويا: ترجمان

ليبارٽري ٽيسٽ جي رپورٽ اچڻ کان پوءِ ڪورونا جي قسم جي باري ۾ خبر پئجي سگهندي

ڪراچي: (رپورٽر) سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان موجب جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي تي وڌيڪ ٻن مسافرن ۾ ڪورونا وائرس جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ناليواري ليکڪا ۽ اسڪالر انيتا شاهه لاڏاڻو ڪري وئي

ڪراچي: (رپورٽر) سنڌ جي صحت کاتي جي ترجمان موجب جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچي تي وڌيڪ ٻن مسافرن ۾ ڪورونا وائرس جي سڃاڻپ ٿي آهي. صحت کاتي سنڌ جي ترجمان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي: پ پ جو اميدوار سعيد غني ورڪرن سان ڳالهائيندي

اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ کي ليول پلئنگ فيلڊ فراهم نه ڪرڻ جا الزام رد ڪري ڇڏيا

اليڪشن ڪميشن استدعا ڪئي ته عدالت پي ٽي آءِ جي درخواست ڏنڊ لاڳو ڪري رد ڪري

26 ڊسمبر تائين تحريڪ انصاف طرفان ملڪ جي مختلف هنڌن تان 33 شڪايتون داخل ڪرايون ويون

ملاقات ۾ تحريڪ انصاف کي بنا فرق جي ليول پلئنگ فيلڊ فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي

اليڪشن ڪميشن پي ٽي آءِ کي ليول پلئنگ فيلڊ فراهم نه ڪرڻ جا الزام رد ڪري ڇڏيا. پي ٽي آءِ کي ليول پلئنگ فيلڊ نه ملڻ تي توهين عدالت ڪيس ۾ اليڪشن ڪميشن طرفان سپريم ڪورٽ ۾ جواب جمع ڪرايو ويو پنهنجي جواب ۾ اليڪشن ڪميشن استدعا ڪئي ته عدالت پي ٽي آءِ جي درخواست ڏنڊ لاڳو ڪري رد ڪري، سپريم ڪورٽ جي حڪم تي پي ٽي آءِ اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

عمران خان جا اين اي 89 تان نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف اپيل تي فيصلو محفوظ

پي ٽي آءِ باني جي چونڊ وڙهڻ جي قسمت جو فيصلو 10 جنوري جي صبح 10 وڳي ٻڌايو ويندو

آر او اهو فيصلو نٿو ڪري سگهي ته معاملو مورل ٽرپيٽيوٽ جو آهي يا نه: عمران خان جو وڪيل

توشه خاني مان جيڪي شيون ورتيون ويون ڇا انهن جا تفصيل ڏنا ويا؟: ٽربيونل

اسلام آباد: (م د) اليڪشن ٽربيونل پي ٽي آءِ باني عمران خان جا قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 89 تان نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو لاهور هاءِ ڪورٽ جي راولپنڊي بينچ ۾ قائم اليڪشن ٽربيونل/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

فواد چوڌري جي گهرواري جا ڪاغذ رد، چونڊن لاءِ نااهل قرار

اسلام آباد (م د) اليڪشن ٽربيونل فواد چوڌري جي گهرواري حبا فواد جي نامزدگي ڪاغذن تي اعتراض برقرار رکندي ڪيس جهلم جي صوبائي تڪ تان نااهل قرار ڏئي ڇڏيو. اليڪشن ٽربيونل ۾ ايف آءِ اي پرڏيهي دورن ۽ اسٽيٽ بئنڪ جي بئنڪ اڪائونٽس جو رڪارڊ جمع ڪرايو رڪارڊ موجب حبا فواد 3 پرڏيهي دورا ۽ 9 بئنڪ اڪائونٽس لڪايا. حبا فواد جا ڪاغذ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

لاهور: مسلم ليگ ن جو صدر حمزه شهباز ڪارڪنن کي خطاب ڪندي

ن ليگ سان پراڻو واسطو آهي، اها پارٽي منهنجي هٿان وڌي: چوڌري نثار

ڪنهن جو پيچ پڪڙي نه پر عوام جي ڪلهن تي سوار ٿي اسيمبلي پهچڻ چاهيان ٿو

ن ليگ سان اختلاف اصولن تي ٻڌل آهي، ٻارن سامهون هٿ ٻڌي نٿو بيهي سگهان

راولپنڊي (م د) اڳوڻي وفاقي وزير چوڌري نثار علي خان چيو آهي ته منهنجو ن ليگ سان پراڻو واسطو آهي، اها پارٽي منهنجي هٿان وڌي. پنهنجي بيان ۾ چوڌري نثار چيو ته مان ڪنهن جماعت تي تنقيد ڪري ووٽ نه وٺندس. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ملڪ جي مختلف حصن ۾ سردي جي شدت برقرار

برفباري سان موسم اڃان وڌيڪ ٿڌو ٿي ويو آهي

بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر برسات

اسلام آباد (م د) ڪراچي لاهور اسلام آباد ۽ پشاور سميت ڪوئيٽا وادي جي ٻهاڙن، زيارت ۽ قلات ۾ برفباري سان موسم اڃان وڌيڪ ٿڌو ٿي ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اليڪشن ڪميشن چونڊ تڪن لاءِ شروعاتي پولنگ اسٽيشنن جي فهرست جاري ڪري ڇڏي

تڪن جي حساب سان شروعاتي پولنگ اسٽيشنن جي لسٽ شايع ڪئي وئي آهي. تجويز 11 جنوري تائين جمع ڪرائي سگهي ٿو: ترجمان

شروعاتي فهرستن تي داخل ڪيل اعتراضن تي فيصلن کان پوءِ پولنگ اسٽيشنن جي حتمي فهرست عام چونڊن کان 15 ڏينهن جاري ڪئي ويندي

عام چونڊن لاءِ اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن. ورڪ جو سلسلو جاري آهي

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن سڄي ملڪ جي چونڊ تڪن ۾ عوام جي ووٽ ڪاسٽ ڪرڻ لاءِ پولنگ اسٽيشنن جي شروعاتي فهرست/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي ۾ بيٽ جو چونڊ نشان نه ملڻ خلاف وڪيلن جو احتجاج

ڪراچي (رپورٽر) تحريڪ انصاف جي وڪيلن پاران بيٽ جو چونڊ نشان نه ملڻ خلاف سپريم ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسلام آباد: جمعيت علماءِ اسلام ف جو اڳواڻ مولانا فضل الرحمان صحافي سان ملاقات ڪندي

پي ٽي آءِ سنڌ جي اڳواڻ زيب عثمان جلباڻي جي درخواست تي هاءِ ڪورٽ تاريخ مقرر ڪري ڇڏي

رٽرننگ آفيسر پاران اعتراض هٽي رد ڪرڻ ڪانپو پي ايس 76 تان فارم رد ڪرڻ خلاف درخواست

رٽرننگ آفيسر پ پ پارٽي پارن ذر بڻجي ڪوڙا اعتراض واري سندس فارم رد ڪيو آهي: اڳواڻ

ٺٽي جي عوام کي انهن مافيائن ۽ اشرافيا کان نجات ڏيارڻ لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين: ڳالهيون

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) پي ٽي آءِ سنڌ جي اڳواڻ ميڊم زيب عثمان جلباڻي جي ٺٽو جي صوبائي تڪ پي ايس 76 ٺٽو 2 تان نامزدگي ڪاغذن تي رٽرننگ آفيسر پاران اعتراض هٽي رد ڪرڻ ڪانپو پي ايس 76 تان پي ٽي آءِ جي اميدوار ميڊم زيب عثمان جلباڻي پاران اپيل داخل ڪرڻ ڪانپو، سنڌ هاءِ ڪورٽ اليڪشن ٽربيونل ٻڌائي لاءِ ٽرهن هفتي جي تاريخ مقرر ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف سکر يونين آف جرنلسٽ پاران احتجاج

پريس ڪلب آڏو پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي جي اڳواڻي ۾ 147 ڏينهن به احتجاج جاري

بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو ۽ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سخت نعري بازي

قاضي ضياءُ الرحمان، ناصر جعفري، فضل الرحمان قريشي ،آصف مهر، صلاح الدين سميجو، بابر ڪوکر ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف سکر يونين آف جرنلسٽ پاران جدوجهد جاري آهي سکر پريس ڪلب آڏو پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي جي اڳواڻي ۾ 147 ڏينهن به احتجاجي علائقي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو ويو ۽ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سخت نعري بازي ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: جان محمد مهر جي قاتلن کي گرفتار نه ڪرڻ خلاف سکر يونين آف جرنلسٽ پاران احتجاج ڪيو ويو

ڪنڊيارو ويجهو عباسي ڪلهوڙا
ڪچهري گروپ جي 4 سالگره جي
موقعي تي مچ ڪچهري

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪنڊيارو ويجهو عباسي ڪلهوڙا ڪچهري گروپ جي 4 سالگره جي مرقعي تي مچ ڪچهري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو. ڳوٺ سعدو باغ ۾ وڏيرو عبدالرهاب عباسي جي اوطاق تي ٿيل مچ ڪچهري ۾ سردار معظم علي خان عباسي سميت سنڌ جي مختلف شهرن کان مهمانن شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز ۾ آئي بي اي ٽيسٽ 2021 ۾ ڊينڊرز 33 کان 39 وارن اميدوارن جو احتجاج

حڪومت جي ٻٽي پاليسي ۽ پنهنجا نوازي خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

هارڊ ايريا جو جواز ڄاڻائي پنهنجا نوازي ڪندي گهٽ مارڪون ڪٽندڙن اميدوار استاد طور ڀرتي ڪيا هئا

33 مارڪن تي پاس ڪري هزارين اسڪول کولي جوائنگ آرڊر جاري ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽر:منظور ملڪ) آئي بي اي ٽيسٽ 2021 ۾ ڊينڊرز 33 کان 39 وارن اميدوارن جو سنڌ حڪومت جي ٻٽي پاليسي ۽ پنهنجا نوازي خلاف مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي نواب علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

احتجاج
احتجاج
هڪ سنڌ هڪ پاليسي

نوشهروفيروز ۾ آئي بي اي ٽيسٽ 2021 ۾ ڊينڊرز 33 کان 39 وارن اميدوارن جو احتجاج جاري آهي

غوثپور جماعت اصلاح المسلمن
برانچ غوثپور پاران مسجد نور
مصطفےٰ ۾ محفل ذڪر منعقد

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور جماعت اصلاح المسلمن برانچ غوثپور پاران مسجد نور مصطفےٰ ۾ محفل ذڪر بسلسلو وصال باڪمال حضرت سدنا ابوبڪر صدق رض الله تعالٰ عنہ جي حوالا سان مختصر پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو ان ڪانپو، نعت رسول مقبول ”حد“ منقبت شرف پش ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نئون ديرو ۽ ان جي ڀروارن علائقن ۾ رات جي وقت به شديد ڪوهيڙي سبب ڪاروهنوار متاثر

ڪوهيڙي جي ڌنڌ سبب سي ۾ شديد قسم جو اضافو ٿي ويو آهي ماڻهون گهرن تائين محدود ٿي ويا

ڪوهيڙي جي ڌنڌ سبب سيپڪو سب ڊويزن نئون ديرو جي طرفان مختلف فيڊرن کي بند ڪري ڇڏيو آهي

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو ۽ ان جي ڀر وارن علائقن ۾ رات جي وقت به شديد ڪوهيڙي هيٺ، ڳوٺن ۾ ڪوهيڙي جي ڌنڌ سبب سي ۾ شديد قسم جو اضافو ٿي ويو آهي ماڻهون گهرن تائين محدود ٿي ويا آهن.رات جي وقت ڪوهيڙي جي شديد ڌنڌ سبب نظر نه پوڻ سبب روڊن تان ٽرئفڪ غائب ٿيڻ سبب روڊ رستا ويراني جا منظر ڏيڻ لڳا، ڌنڌ جي باعث ٽرانسپورٽر پاران ڳاڏين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺاروشاه پرسان 6 مهينا اڳ پيار پرڻو ڪندڙ نوجوان نامعلوم جوابدارن هٿان قتل

ڳوٺ نوازيو پان وٽ 6 مهينا اڳ پيار جو پرڻو ڪندڙ نوجوان حسنين قريشي هٿياربندن هٿان قتل

نوجوان ڪجھ مهينا اڳ پنهنجي رشتيدار اقبال قريشي جي نياڻي سان پيار پرڻو ڪيو هو: نوير قريشي

سهائي عزيز ٽالپر اسپتال پهچي معاملي جي جاچ ورتي ۽ جوابدار جلد گرفتار ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) ٺاروشاه پرسان 6 مهينا اڳ پيار پرڻو ڪندڙ نوجوان نامعلوم جوابدارن هٿان قتل. نوجوان جو گولين لڳل لاش ڳوٺ نوازيو پان پرسان هٿ. اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال پهچايو. پوسٽ مارٽم بعد مڙھ وارثن حوالي، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو جنازي نماز ۾ سياسي سماجي صحافي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

خيرپورناٿن شاه نيشنل پريس ڪلب طرفان هرسال جيان هن سال به مچ ڪچهري منعقد

مچ ڪچهري ۾ سنڌ جي پلوڙ فنڪار ضامن علي، ۽ رفيق منگي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو

پيپلز پارٽي اڳواڻ ڊاڪٽر اسد خان لغاري، سيد صابر علي شاه، سيد مجاهد علي شاه ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

برڪت علي شفيق الزمان لغاري سميت سياسي، سماجي صحافين ۽ شهرين پڻ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

خيرپور ناٿن شاه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاه نيشنل پريس ڪلب طرفان هر سال جيان هن سال به مچ ڪچهري اسان جي ڪچهري جي عنوان هيٺ منعقد ڪئي وئي مچ ڪچهري ۾ سنڌ جي پلوڙ فنڪار ضامن علي، ۽ رفيق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

خيرپور ناٿن شاه نيشنل پريس ڪلب طرفان هر سال جيان هن سال به مچ ڪچهري منعقد ڪئي وئي

ايس ٽي پي جي ضلعي صدر امام
ڏنو عرف راجا خواجا تي ڪيس
داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي ضلعي صدر امام ڏنو عرف راجا خواجا تي ٽنڊوغلام علي ٿاڻي تي منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن ڊويزنل صدر شاهنواز سيال ،راجا خوجا بار ڪائونسل جي صدر ايڊوڪيٽ رياض مصطفي آرائين .گل محمد شاه ياسر سيال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

سنڌ جي مهان ڏاهي دانشور، تاريخدان مشڪور قلڪارو کي تاحيات خدمتن تي شيلڊ فراهم

خوجنا ڪتاب لکڻ تي اعزاز طور سنڌ جو عظيم ڏاهو قومي تاريخدان جي لقب سان اعزاز ڏنو ويو

قديم آڳاٽي تاريخ ۾ ان جا آثار ملڻ ۽ تهذيب تمدن جو ذڪر سنڌ کي اعزاز حاصل آهي: مشڪور قلڪارو

مون شروعات ڪري تاريخ کي پنهنجي قلمي پورهيي سان محفوظ ڪرڻ جو قومي ادبي ڪردار ادا ڪيو آهي

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) سنڌ جي مهان ڏاهي دانشور، تاريخدان مشڪور قلڪارو جي ٽر ڪان ولي ڪاڇي، لاڙ، اتر، ڪراچي تائين ڪيل تاريخي تحقيقي خوجنا ڪتاب لکڻ تي ڪيس اعزاز طور سنڌ جو عظيم ڏاهو قومي تاريخدان جي لقب سان اعزاز ڏئي تاحيات خدمتن تي شيلڊ ڏني وئي، ٽنڊو محمد خان ۾ علم و ادب اڪيڊمي طرفان سندس مان ملهايل رهاڻ واري تقريب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ايس يو پي طرفان اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي سن کان شروعات، اڳواڻن پاران گڏجاڻي منعقد

تعلقي مانجهند ۾ گهر گهر ورڪ ڪري منير حيدر شاه ۽ روشن برڙو کي ڪامياب ڪرائڻ جو اعلان

منير حيدر شاه جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان اليڪشن ورڪ مهم جو آغاز سن کان شروع ڪري ڇڏيو

ايس يو پي ضلع صدر خدا بخش ٿيٻو لطيف پهنور امام الدين چڇر يوسف عمراڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

مانجهند(رپورٽر:مهراڻ عمراڻي) ايس يو پي طرفان اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي سن کان شروعات تعلقي مانجهند جي راڄن جي ڳڃن سڏسن جو ڪٺ جي ڊي اي جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرڻ جو فيصلو گهر گهر ورڪ ڪري منير حيدر شاه ۽ روشن برڙو کي ڪامياب ڪرائڻ جو اعلان تفصيل موجب سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي طرفان جي ڊي اي جي پليٽ فارم تان اليڪشن ورڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

مانجهند: ايس يو پي طرفان اليڪشن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي سن کان شروعات، اڳواڻن پاران گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي

سکر ۾ ويرم خان مهر جي گلن سان آجيان، علائقي جي هي خراب حالت ڏسي ڏک به ٿيو: اڳواڻ

بيرسٽر ويرم خان مهر جي مهر برادري ۽ ڪالوني پوصالائن جي عوام پاران گلن جي ڇٽين سان آجيان

اسان جا ماڻهو هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم آهن افسوس جي ڳالھ آهي: بيرسٽر ويرم خان

سکر(رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) ،سکر ۾ ويرم خان مهر جي گلن سان آجيان ڪئي وئي، ڪالوني پوصالائن سکر محمد شريف مهر جي سنڌس رائشگاه تي بيرسٽر ويرم خان مهر جي مهر برادري ۽ ڪالوني پوصالائن جي عوام پاران گلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز لنڪ روڊ تي مبينا طور نوجوان حسنين قرشي جو گولين لڳل لاش هٿ

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال پهچايو

نوجوان ڪراچي مان پهتو آهي ته سندس گولين لڳل لاش ڳوٺ نوازيو پان وٽان هٿ آيو آهي: ايس ايچ او

ناروشاه(رپورٽر) ناروشاه نوشهروفيروز لنڪ روڊ تي مبينا طور نوجوان حسنين قررشي جو گولين لڳل لاش هٿ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال پهچايو رابطو ڪرڻ تي ايس ايچ او غلام شبير دلوائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

واره لڳ ڳوٺ منو ماڇي ۾ سولنگي برادري جي ٻن ڌرين ۾ مبينا چوري تان جهيڙو

نصير احمد ولد عبدالستار سولنگي، سڪندر علي ولد سڄل سولنگي ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

شوڪت علي سولنگي، علي گل ولد محمد آدم سولنگي، عجيب ولد رجب علي سولنگي شامل

واره (رپورٽر:طالب حسين چانڊيو) واره لڳ ڳوٺ منو ماڇي ۾ سولنگي برادري جي ٻن ڌرين ۾ مبينا ان جي چوري تان جهيڙو پنهي ڌرين جا چه ڄڻا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ڪنڊيڻ شهر جي ڀهمي چوڪ وٽ موبائيلن جي دڪان مان ٿيل چوري وارو معاملو

گرفتار ٿيل نينگرن جي نشاندهي تي ايس ايچ او اعجاز سومرو جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي

گهرن ۾ ڪاهي پئي چوري جو سامان نه ملڻ بعد واپس رواني عورتن ۽ پوليس وچ ۾ چڪريون

ڪنڊيڻ(رپورٽر: محرم علي ملاح) ڪنڊيڻ شهر جي ڀهمي چوڪ وٽ موبائيلن جي دڪان مان ٿيل چوري جي الزام ۾ شڪ جي بنياد تي حسين شاه جي محلاجي گرفتار ٿيل ملاح ذات جي ٽنڊوڙن نينگرن جي نشاندهي تي ايس ايچ او اعجاز سومرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽائون ڪاميٽي مٺياڻي جي ٽائون آفيسر خيرمحمد مستوئي جي نماز جنازه ادا

جنازي ۾ سياسي سماجي اڳواڻن، مٽن مائٽن ۽ دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

علي گل خاصخيلي، انور پناڻ، لالا حسن پناڻ، نويد علي مستوئي، واحد بخش مستوئي شريڪ

نوشهرو فيروزا(رپورٽر:منظور ملڪ) ٽائون ڪاميٽي مٺياڻي جي ٽائون آفيسر خيرمحمد مستوئي جي نماز جنازه هائي اسڪول گرائونڊ مٺياڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

نوشهروفيروز: ٽائون ڪاميٽي مٺياڻي جي ٽائون آفيسر خيرمحمد مستوئي جي نماز جنازه ادا ڪئي پئي وڃي

پ پ پاران پي ايس 33 تي سيد حسن علي شاه کي ٽڪيٽ ملڻ جي خوشي ۾ ريلي

ڳوٺ حافظ محمد يعقوب ٿيبو جي نيڪ مرد ميان محمد اجمل ٿيبو پاران آجياڻو ڏنو ويو

سهراب ٿيبو - عبيدالله ٿيبو جي معززين ۽ سوين ڳوٺاڻن شرڪت ڪري ڀرپور استقبال ڪيو

نوشهرو فيروزا(رپورٽر:منظور ملڪ) پرياستي پاڪستان پيپلز پارٽي پاران پي ايس 33 تي سيد حسن علي شاه کي اميدوار نامزد ڪرڻ ۽ ٽڪيٽ ملڻ جي خوشي ۾ ڳوٺ حافظ محمد يعقوب ٿيبو جي نيڪ مرد ميان محمد اجمل ٿيبو پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهروفيروز: ڳوٺ حافظ محمد يعقوب ٿيبو جي نيڪ مرد ميان محمد اجمل ٿيبو پاران آجياڻو ڏنو ويو

ملازم تنظيمن جو مشن ساڳيو آهي، ملازمن جا سمورا جائز مسئلا حل ڪرائڻ چاهيون ٿا: فهد ٻبر

سول اسپتال ٺٽو جي ملازمن سان ناانصافيون ٿي رهيون آهن، جيڪي هرگز برداشت نه ڪيو وينديون

اڪائونٽنٽ ۽ اسٽيبلشمينٽ برانچن ۾ لوئر اسٽاف جي ملازمن جا جائز مسئلا به حل ٿي ناهن سگهيا

ٺٽو(ڊ) آل روينيو سنڌ ايمپلائيز ايسوسيئشن جي جنرل سيڪريٽري فهد ٻبر ۽ سڪندر منگسي صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته سمورين ملازم تنظيمن جو مشن ساڳيو آهي، اسان ملازمن جا سمورا جائز مسئلا حل ڪرائڻ چاهيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

جهمپير ويجهو ڳوٺ الهبچايو چانگ واسي پٽڙي تي ستل نوجوان ڪٽجي فوت

معشوق علي ريلوي لائين جي پٽڙي تي ويهي ڪن ۾ هيڊ فون لڳائي گانا ٻڌي رهيو هيو

ڪراچي کان لاهور ويندڙ پاڪستان ايڪسپريس جي زد ۾ اچي ڪٽجي فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام

جهمپير ويجهو ڳوٺ الهبچايو چانگ واسي پٽڙي تي ستل نوجوان ڪٽجي فوت، حياتيءَ جي تصوير

ٺٽو(ڊ) جهمپير ويجهو لطيف چانگ ريلوي اسٽيشن وٽ ڳوٺ الهبچايو چانگ جو رهواسي 22 سالا نوجوان معشوق علي ولد ساڻوڻ چانگ ريلوي لائين جي پٽڙي تي ويهي ڪن ۾ هيڊ فون لڳائي فون ۾ گانا ٻڌڻ دوران بيخبري ۾ ڪراچي کان لاهور ويندڙ پاڪستان ايڪسپريس جي زد ۾ اچي ڪٽجي فوت ٿي ويو، اطلاع جهمپير ريلوي پوليس چوڪي تي ڏنو ويو، جنهن واقعي واري هنڌ پهچي لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڪوٽڙي ڪٽائي ويا، جتان ضروري ڪاغذي ڪاروائي مڪمل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

******

ٽنڊو محمد خان پوليس 5 ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل درويش جي واقعي ۾ ڪيس داخل

صفت الله لوڪ نوجوان عبدالقادر سومرو عرف ماما جي قتل ڪيس جو جوابدار گرفتار ڪيو ويو

پوليس مک جوابدار مشتاق ٻرڙدي کي قتل واري واقعي ۾ استعمال ٿيل ڪهاڙي سميت گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ 6 ڏينهن اڳ ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ٿي ويل درويش صفت نوجوان عبدالقادر سومرو جي قتل ڪيس ۾ پوليس هٿان گرفتار ڪيل جوابدار مشتاق ٻرڙدي کي اڄ پوليس ريمانڊ لاءِ عدالت ۾ پيش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي پيپلز پارٽي اميدوار ڪامياب ٿيندا: امتياز احمد شيخ

نگران گهرو وزير سان ڳالهايان ٿو خانپور تعلقي جو امن امان اسان جي پهرين ترجيح آهي

جي يو آءِ ۾ شامل ٿيڻ ٻيا جن جو ڪو نظريو ئي نه آهي جي يو آءِ جا ڪارڪن به اسان کي ووٽ ڏيندا

خانپور (رپورٽر: عتيق ابڙو) پ پ پ جي اڳواڻي صوبائي وزير امتياز احمد شيخ جو چوڻ آهي ته خانپور سميت ٽڪ جي عوام جي خدمت ڪئي آهي ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي پيپلز پارٽي اميدوار ڪامياب ٿيندا. امن امان جي صورتحال خراب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

واره ٽڪيٽون نه ملڻ تان پيپلز پارٽي ۾ اختلاف، تعلقه صدر ٽڪيٽ هولڊر کي هائبرڊ قرار ڏئي ڇڏيو

ٽڪيٽ نه ملڻ تان پيپلز پارٽي جي تعلقه صدر رياض الدين ابڙو پارٽي جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

نظرياتي ڪارڪن جو پارٽي ۾ ڪو به قدر ناهي عهدي تان استعيفيٰ ڏيندي ڪارڪن جي حيثيت ۾ رهنداسين

هنگامي اجلاس ڳهرائي فيصلو واپس وٺڻ جو چيو پر رياض الدين مرڪزي قيادت سان ڳالهين جو چئي واپس ڪري ڇڏيو

واره (رپورٽر: طالب حسين چانڊيو) واره ٽڪيٽون نه ملڻ تان پيپلز پارٽي ۾ ڏار پئجي ويا. پارٽي ٽڪيٽ نه ملڻ تان پاڪستان پيپلز پارٽي جي تعلقه صدر رياض الدين ابڙو پارٽي جي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي سوشل ميڊيا تي بيان ڏيندي هن پيپلز پارٽي سان ڏک جو اظهار ڪندي پنهنجي پارٽي جي ٽڪيٽ هولڊر کي هائبرڊ جو لقب ڏيندي چيو ته محترم جي وٺي ڪانپو، نظرياتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سنڌ جي زراعت کي نقصان کان بچائڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي حڪومتون قدم کڻن: محمود نواز شاه

سنڌ ۾ زرعي پاڻي جي ذخيره اندوزي، اڳهن ۾ واڌ جي نوٽيس وٺڻ لاءِ هنگامي اپاءُ وٺڻ جي ضرورت آهي

ڪيترن سالن کان ڪوٽ رهي آهي، زراعت سنڌ ۽ پاڪستان جي ڪرنگهي جي هڏي جو ڪردار ادا ڪري ٿي

ڪپهه، زرعي جنسون ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ امپورٽ ذريعي ملڪ جي معيشت لاءِ فائديمند آهن، مسئلا حل ڪيا وڃن

ٽنڊو محمد خان(رپورٽر) سنڌ جي زراعت کي نقصان کان بچائڻ لاءِ وفاقي ۽ صوبائي نگران سرڪار کي ٻاڻي جي ڪوٽ، زرعي پاڻي جي ذخيره اندوزي، اڳهن ۾ واڌ جي نوٽيس وٺڻ لاءِ هنگامي اپاءُ وٺڻ جي ضرورت آهي. ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ باقر نظاماڻي ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جي ڪنوينشن کي سنڌ آبادگار بورڊ جي مرڪزي صدر محمود نواز شاه مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پ پ پ اڳواڻ فراز امتياز شيخ جي
پريس ڪلب آمد، نون چونڊيل
عهديدارن کي مبارڪباد

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) پ پ پ اڳواڻ فراز امتياز شيخ جي پريس ڪلب آمد، نون چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏني وئي، خبر مرجب: پ پ پ اڳواڻ فراز امتياز شيخ وفد سان گڏ شڪارپور پريس ڪلب پهچي 2024 لاءِ ڪامياب ٿيل عهديدارن صدر سوڍو جيمس، نائب صدر عارف قريشي ، جنرل سيڪريٽري عبدالسلام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٽنڊو محمد خان مان جسقم جي ڪارڪن راجيش ٺاڪر کي پوليس گرفتار ڪري ورتو، احتجاج

بي سيڪشن پوليس راڄو نظاماڻي روڊ تان جسقم جي ڪارڪن راجيش ٺاڪر کي گرفتار ڪري ورتو

راجيش ٺاڪر کي بنا جواز گرفتار ڪري سندس خلاف منشيات جو من گهڙت ڪيس داخل ڪيو آهي: اڳواڻ

وڏي مقدار ۾ مين پوڙي گٽڪو برآمد ڪري گرفتاري عمل ۾ آڻڻ بعد ايف آءِ آر داخل ڪري ورتي آهي: پوليس

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان مان جسقم جي ڪارڪن راجيش ٺاڪر کي پوليس گرفتار ڪري ورتو، ڪارڪنن جو احتجاج. ٽنڊو محمد خان ۾ بي سيڪشن پوليس راڄو نظاماڻي روڊ تان جسقم جي ڪارڪن راجيش ٺاڪر کي گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان مان جسقم جي ڪارڪن راجيش ٺاڪر کي پوليس گرفتار ڪري ورتو، احتجاج ڪيو پيو

عام چونڊن جي اينڊي ئي جي يو آءِ
طرفان پ پ لاءِ مشڪلاتن جا پهاڙ
آغا تيمور خان پاران شموليت

شڪارپور(عبدالخالق سومرو) شڪارپور جي پي ايس 7 تي پ پ اميدوار سان مقابلو ڪرڻ لاءِ آغا تيمور پٺاڻ جي يو آءِ ۾ شموليت اختيار ڪري ورتي آهي،سلطان ڪوٽ ۾ آغا هائوس تي آغا تيمور پٺاڻ جي يو آءِ اڳواڻ مولانا راشد محمود سومرو سان گڏيل پريس ڪانفرس دؤران جي يو آءِ ۾ شامل ٿيڻ جو اعلان ڪيو. آغا تيمور /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان پوليس 5 ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل درويش جي واقعي ۾ ڪيس داخل

صفت الله لوڪ نوجوان عبدالقادر سومرو عرف ماما جي قتل ڪيس جو جوابدار گرفتار ڪيو ويو

پوليس مک جوابدار مشتاق ٻرڙدي کي قتل واري واقعي ۾ استعمال ٿيل ڪهاڙي سميت گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان پوليس 5 ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل درويش صفت الله لوڪ نوجوان عبدالقادر سومرو عرف ماما جي قتل ڪيس جي جوابدار مشتاق ٻرڙدي جي گرفتاري سان گڏ ايف آءِ آر داخل ڪري ورتي، خبر موجب ٽنڊو محمد خان مان ستي پوليس مليل اطلاع تي 5 ڏينهن اڳ درويش صفت الله لوڪ نوجوان عبدالقادر سومرو جي قتل ڪيس ۾ پوليس مک جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شهيد پير گهرگهل شاه بخاري جو ساليانو عرس مبارڪ 16 جنوري تي منعقد ٿيندو

نئون ديرو ۽ پسگردائي جي مشهور اولياءُ پير گهرگهل شاه بخاري جو ساليانه عرس جون تياريون

چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو حاجي عبدالخالق پٽو ،سيد سڪندر علي شاه راشدي پاران اجلاس

مختلف شهرن مان درگاه پير شهيد گهرگهل شاه جي ميلي ۾ سنا ڪوڏي ڪوڏي راند جا پهلوان گهرايا ويندا

نئون ديرو(رپورٽر: شاه محمود پٽو)شهيد پير گهرگهل شاه بخاري جو ساليانو عرس مبارڪ 16 جنوري تي منعقد ٿيندو. ملڪ مقابلاءِ ڪوڏي ڪوڏي جا مقابلا منعقد ٿيندا. تفصيل مطابق نئون ديرو ۽ پسگردائي جي مشهور اولياءُ پيرگهرگهل شاه بخاري جو ساليانه عرس تقريبون 16 جنوري تي منعقد ٿيندي اڄ درگاه جي احاطي ۾ اهم ميٽنگ ميلا ڪاميٽي جي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سونڊا لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري 5 هزار آبادي واري قديمي ڳوٺ سونهري ۾ مسئلا حل نه ٿيا

پرائمري توڙي مڊل اسڪولن جي بلڊنگس جو تعميراتي ڪم ڪيترائي سال گذرڻ باوجود مڪمل نه ٿيا

گرلس اسڪول ڪافي وقت کان بند هجڻ ڪري سنڌن ٻارڙا تعليم کان محروم ٿيڻ سبب علائقي واسي مايوس

مڊل اسڪول ۽ روڊ جو ڪم مڪمل ڪرائي، ڳوسڙو عملي خلاف ڪاروائي ڪري ڳوٺاڻن کي پريشاني کان بچايو وڃي

ٺٽو(ڊ) سونڊا لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري 5 هزار آبادي واري قديمي ڳوٺ سونهري ۾ ڪافي وقت کان صحت مرڪز، گرلس توڙي پرائمري اسڪول بند، ٻارڙا تعليم کان محروم بڻيل، پرائمري توڙي مڊل اسڪولن جي بلڊنگس جو تعميراتي ڪم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سونڊا لڳ ڪينجهر ڍنڍ ڪناري 5 هزار آبادي واري قديمي ڳوٺ سونهري ۾ مسئلا حل نه ٿيا

بدين ۾ عورتاڻي تنظيم سورمي
سٽ جي سهڪار سان عورتاڻي
مچ ڪچهري منعقد

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) بدين ۾ عورتاڻي تنظيم سورمي سٽ جي سهڪار سان جنوري جي سخت سردي واري رات ۾ عورتاڻي مچ ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ثقافت جي رنگبرنگي لباس پائي عورتن جو وڏو انگ شريڪ ٿيو جيم خانه هال بدين ۾ رکيل عورتاڻي مچ ڪچهري ۾ شهرين سڄاڻ عورتن سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جيئي سنڌ محاذ رياض چانڊيو گروپ پاران جنرل اليڪشن ۾ احمد سعيد جان سرهندي جي حمايت جو اعلان

سچي سنڌ اندر قومپرست، عوام دوست اميدوارن کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ جاڳرتا مهم شروع ڪرڻ جو فيصلو

اڳواڻن پاران عوام دوست آزاد اميدوار پير احمد سعيد جان سرهندي جي موجودگي ۾ سندس حمايت جو اعلان ڪيو ويو

عوام کان ووٽ وٺي ڪين اني لٽي اجهي لاءِ پريشان ڪري صرف منشيات جو عادي بڻايو آهي: پنهل جمالي/ ايوب ڪوريجو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) جيئي سنڌ محاذ رياض چانڊيو گروپ جنرل اليڪشن ۾ سچي سنڌ اندر قومپرست، عوام دوست اميدوارن کي ڪامياب ڪرائڻ لاءِ جاڳرتا مهم شروع ڪرڻ. ٽنڊو محمد خان جي پير احمد سعيد جان سرهندي جي حمايت جو اعلان ڪري ڇڏيو. ٽنڊو محمد خان ۾ جيئي سنڌ محاذ طرفان منعقد ڪيل ميڙاڪي ۾ جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گجي شهر لڳ هالاڻ جي ڳوٺ علي ميربحر جي ڪيترن ئي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو

زيادتين توڙي ڪين پنهنجي ئي گهرن مان بيدخل ڪري سنڌن گهرن کي ڍاهڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

سومار ميربحر، احمد علي، عرس، عثمان، صديق، چڇر ميربحر، زليخان، حاجران ۽ ماروي مظاهرو ڪيو

هڪ گهرجي اڏاوت ڪئي جيڪا پڻ ڍاهي پٽ ڪري ڪين لڏي وڃڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: مظاهرين

ٺٽو(ڊ) گجي شهر لڳ هالاڻ جي ڳوٺ علي ميربحر جي ڪيترن ئي رهواسي مردن توڙي عورتن پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ ٻاڏائي ماڻهن جي زيادتين توڙي ڪين پنهنجي ئي گهرن مان بيدخل ڪري سنڌن گهرن کي ڍاهڻ واري عمل خلاف گجو شهر ۾ هڪ احتجاجي مظاهرو متاثر ڳوٺاڻن سومار ميربحر، احمد علي، عرس، عثمان، صديق، چڇر ميربحر، زليخان، حاجران ۽ ماروي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٺٽو: گجي شهر لڳ هالاڻ جي ڳوٺ علي ميربحر جي ڪيترن ئي رهواسين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو

ٽنڊو باگو ۾ 2021 ۾ آئي بي اي
پاران ورتل ماستري جي ٽيسٽ
ڊينڊرز پاران احتجاج

ٽنڊو باگو(رپورٽ رفاقت جروار) 2021 ۾ آئي بي اي پاران ورتل ماستري جي ٽيسٽ ۾ PST ۽ JEST ۾ 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ بدين ضلعي جي اميدوارن جو ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو، سخت نعريبازي، تعليم کاتي ۾ ٺيڪو نظام ختم ڪري سچي سنڌ جي نوجوانن کي 33 سيڪڙو مارڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ائيرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 08 جنوري 2024ع

موسمي ڪئلينڊر جي تبديليءَ تدبر کان وانجهيل تعليم کاتو

دنيا جي سڌريل ملڪن ۾ سماج تي وڌ ۾ وڌ سيڙپ تعليم جي صورت ۾ ڪئي ويندي آهي ۽ اها تعليم ئي آهي، جيڪا سماجن کي ترقي جا بنياد ۽ موقعا فراهم ڪندي آهي پر اسان وٽ معاملو ان جي ابتڙ آهي. هتي وڌ ۾ وڌ نظرانداز ٿيندڙ شعبو تعليم جو ئي آهي. ڪنهن به سماج کي جاهل ۽ تعليم کان وانجهيل رکي ترقي نٿي ڏياري سگهجي ۽ اهو سڀ ڪجهه معلوم هجڻ جي باوجود به اسان جي حڪمرانن جي اوليت تعليم جو سهولتون فراهم ڪرڻ نه رهي آهي. ڪجهه ڏينهن کان سخت سيءَ سبب اسڪولن ۾ ٻارڙن جي بيهوش ٿيڻ جون خبرون رپورٽ ٿي رهيون آهن ۽ تعليم کاتي جي تدبر کان وانجهيل انتظاميا موسمي ڪئلينڊر تبديل ٿيڻ باوجود به سياري جي موڪلن جو شيڊيول نه بدلايو آهي ۽ هتي هاڻي گهڻو سيءُ جنوري مهيني ۾ پوي ٿو پر موڪلون ڊسمبر ۾ ٿين ٿيون. تعليم کاتي جي انتظاميا اڃان تائين انگريز بهادر جي دور ۾ رهي ٿي. اها ڪنهن به تبديليءَ سان گڏ هلڻ لاءِ تيار نه آهي.

سنڌ جي تعليم جو ٽائيٽنڪ ٻڏندو وڃي ۽ ان کي بچائڻ جون ڪوششون نه پري جي ڳالهه. حڪمرانن جي اها خواهش به نظر نٿي اچي. هتي جيڪي پاليسيون جڙن ٿيون. اهي گهڻو ڪري تعليم دشمن هونديون آهن يا وري انهن جي جوڙجڪ اهڙي هوندي آهي جو انهن سان تعليمي سرشتي کي ڪوبه فائدو نٿو پهچي. تعليم جي سرڪاري شعبي کي رڳو ان ڪري هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي ته جيئن تعليم جي خانگي شعبي کي ترقي ۽ منافعي جا نوان نوان موقعا ۽ ميدان فراهم ڪجن. انهن ئي پاليسين جي ڪري سنڌ جي سرڪاري تعليم تباهه ٿي چڪي آهي. هزارين ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن. جيئن ته ٻار مستقبل جا معمار آهن ۽ ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اهي هن سماج جي ڪهڙي تعمير ڪندا ۽ ان سماج جي حالت ڪهڙي هوندي! سنڌ ۾ هزارين اسڪول بند آهن. وڏيرن ۽ رئيسن جي پاڻ ۽ اناج جا گودام ۽ مال جا واڙا بڻيل آهن. هزارين اسڪول اهڙا آهن، جن کي عمارتون نه آهن. بجلي ۽ پاڻي جي سهولت نه آهي، فرنيچر نه هجڻ ڪري ٻار پٽ تي ويهي پڙهن ٿا. هزارين اسڪول اهڙا آهن، جن کي چوديواري نه آهي ۽ نه ئي وري اتي واش روم جي سهولت آهي، ايتري قدر جو نياڻين جي اسڪولن ۾ به واش رومن جي سهولت نه هوندي آهي. سهولتن کان وانجهيل اهي اسڪول ٻارڙن لاءِ قيد خانا بڻيل آهن. سوين اهڙا اسڪول آهن، جن ۾ گوسڙو استاد اسڪول ۾ وڃڻ لاءِ تيار نه آهن. توڙي جو حڪومت طرفان بايوميٽرڪ سسٽم شروع ڪرڻ باوجود به ڪو خاص فرق نه پيو آهي ۽ اهو سسٽم به ڪرپشن جي ورچڙهي ويو آهي. مطلب ته سسٽم ۾ سڌارو آڻڻ جي بدران ڪرپشن جو نئون در کوليو ويو آهي. جڏهن اسڪولن ۾ تعليم نه پري جي ڳالهه. شاگردن کي سکڻ سان ويهڻ وارو ماحول ئي نصيب نه هجي ته اهڙين حالتن ۾ اهي ڪهڙي تعليم پرائيندا؟ اسان جي سرڪاري تعليمي سرشتي جي حالت اها آهي جو مدي خارج نصاب. مدي خارج طريقن سان غيرتربيت يافته استاد پڙهائين ٿا ۽ امتحانن جو سرشتو پڻ ناقص آهي. ڪو ماڻهو جڏهن رڍون پالڻ جو پراجيڪٽ شروع ڪرڻ چاهيندو آهي ته ان وقت به ان کي تربيت ۽ سکيا جي ضرورت پوي ٿي پر حيرت اها آهي ته استادن لاءِ تدريس جي سکيا کي غيراهم سمجهيو وڃي ٿو ۽ جيڪا سکيا ڏني وڃي ٿي، اها پڻ جديد گهرجن مطابق ناهي هوندي. اهڙي صورتحال ۾ سنڌ جي تعليم جو سرڪاري شعبو ڏينهون ڏينهن پوئتي پيو وڃي ۽ ڪرپشن ان کي وڌيڪ تباهه ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌ جي تعليم ۾ سڌارو ايستائين ممڪن نه آهي، جيستائين تعليمي ادارن کي سهولتون نه ڏنيون وينديون. نصاب کي جديد گهرجن آهر نه بڻايو ويندو ۽ ان جديد نصاب جي تدريس جديد طريقن سان نه ٿيندي. قيد خانا بڻيل اسڪولن ۾ ٻار وقت ته گذارين ٿا پر ڪجهه حاصل نه ڪري سگهندا. تعليم کاتي جي انتظاميا کي اسان اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته شديد سيءَ ۽ ڪوهيڙي کي نظر ۾ رکندي اسڪولن ۾ ڏهن ڏينهن لاءِ موڪلن جو اعلان ڪيو وڃي.

تعليم ۽ انسانيت جي ارتقا

جي آر سلمان نظاماڻي

اها حقيقت آهي ته الله تعالي جي طرف کان انسان بنيادي تعليم حاصل ڪري هن ڪائنات ۾ آيو آهي ۽ گڏ ئي قدرت هر نئين ڄاول ٻار کي کائڻ پيئڻ سمهڻ جاڳڻ ڏسڻ ٻڌڻ. سنگهڻ ۽ پنهنجين ضروري حاجتن کي پورو ڪرڻ ۽ روئي روئي ڪري پنهنجين ضرورتن جي اظهار جو طريقو وغيره سيکاري موڪليو آهي. ماءُ جي پيٽ ۾ انسان جي سمورن عضوون کي انهن جا فرض ادا ڪرڻ جي تعليم. سيکاري ويندي آهي. جيتوڻيڪ جسم جا بلڪ سميت سمورو نظام جيڪو سينڪڙين يا هزارين نه بلڪ لکين يا ان کان به وڌيڪ جزن جو مالڪ آهيءَ آهي. انساني جسم ۾ روح جي داخل ٿيڻ کان اڳ اڳ يا بعد ۾ يا گڏ ئي سموري يا جزوي طور تي قدرت کان حاصل ڪيل تعليم جي مطابق پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏي ٿو. پيدائش کان اڳ ئي انسان جي تعليم جو عمل شروع ٿي وڃي ٿو ۽ ان جبلي تعليم جي سهاري تي بني آدم کي هن ڪائنات ۾ پنهنجو زندگيءَ جو عرصو پورو ڪرڻو هوندو آهي. الله تعالي جو شان آهي ته هر انسان کي سندس ماحول جي مطابق ان جي عضوون جي تعليم ڏئي ڪري هن دنيا ۾ موڪليو وڃي ٿو پهاڙن وارن علائقن جا ٻارڙا نهايت ٿڌي علائقي ۾ جنم وٺڻ وارا خشڪ ۽ گرم علائقن جا رهواسي سامونڊي ڀيٽن ۾ رهڻ وارا ۽ سرسبز وشاداب ميداني علائقن جي فصلن ۾ واڌ ٿيڻ وارن شين. پوکڻ يا وڻن سيڻي کي انهن جي پاڻي وهواءِ فضا. موسم ۽ ماحول جي مطابق زندگي جو عرصو گهارڻ جي تعليم ميسر ڪئي وڃي ٿي.

هن دنيا ۾ اک کولڻ کانپوءِ انسان کي هڪ ڀيرو وري تعليم جي عمل کان گذاريو وڃي ٿو جيئن کاڻ کان نڪرڻ وارن هيرن کي سوناري جي حوالي ڪيو ويندو آهي. جيڪو ان جي گهڙگهات ڪري ان ۾ چمڪ پيدا ڪري ڇڏي ٿو. جيتوڻيڪ عمومن اهو خيال آهي ته "رويي جي تبديلي "تعليم سڏجي ٿي. "پهرين انسان حضرت آدم عليه الاسلام کي الله تعالي بذات پاڻ تعليم جي عمل کان گذاريو جيتوڻيڪ انساني شروعات کان ئي تعليم سان بحث انساني اعلي دماغن جو مرڪز فڪر رهيو آهي سچائي جي تلاش جو نالو تعليم آهي. (سقراط 993ق.م) صحتمند معاشري جي جو عمل تعليم سڏجي ٿي. (افلاطون 743ق.م) تعليم اخلاقي تربيت ڏانهن خوشي ۽ جي جذبن جي ترجماني ڪري ٿي. (ارسطو 223ق.م) صحتمند جسم ۾ صحتمند روح جي حاصلات تعليم جو مقصد آهي. (جان لوڪ 471ع) تعليم جو مقصد انسان ۾ انهن سمورن ڪمالن جي پرورش آهي جيڪي سندس نفرت جو حصو آهن. (ايمانول ڪانٽ 4081ع) تعليم ٻين جي لاءِ جيئڻ سيکارڻ جو عمل آهي. (اوسٽ گوئٽي 758ع) تعليم هڪ نسل جي روايتن کي ٻئي نسل تائين منتقل ڪرڻ جو نالو آهي. (فرينڊ 1791ع) غلامين ازنجير توڙي ڪري آزادين ڏانهن آڻڻ تعليم آهي. (جان روسو 276ع) علم وفن جي بجاءِ فطرت کي تعليم آهي. (7281ع) ٻارڙن جي ۽ ڪارڪردگي جي مطابق انهن جي تربيت جو نالو تعليم آهي. (فريڪ فرول 2581ع) تعليم فردن ۽ فطرت جي ٻاري ۾ بنيادي طور تي منفي ۽ جذباتي روين جي جوڙجڪ جو عمل آهي. (جان ڊيوي 1591ع) انساني ڪردار ۽ صلاحيتن تي پوڻ وارن اثرن کي ڪنهن خاص طرف ۾ موڙي ڇڏڻ تعليم آهي. (جان اسٽورٽ بل 5681ع) تعليم. اها آهي ته جنگ جي حالت ۾ يا امن جي حالت ۾ پنهنجي گڏيل زندگي جا فرض ديانتداري، قابليت ۽ عظمت سان گڏ ادا ڪرڻ جي لاءِ تيار ڪري ٿي (جان بولٽن 4781ع). تعليم جي وسيلي هڪ شاگرد روحاني انداز کان روشناس ٿي سگهي ٿو ۽ خدا تعالي جي جو مقصدحاصل ڪري سگهي ٿو. (امام غزالي) استادن کي نوجوانن جي فطري اصول کي نظر جي سامهون رکڻ گهرجي شاگرد جي صلاحيت ۽ ڪي به ڏنو وڃي ته هن جو ذهن علم و فن جو ڪيترو مقدار برداشت ڪري سگهي ٿو. (عبدالرحمن ابن خلدون) آسماني شعور تائين سمجهه حاصل ڪرڻ تعليمي نظام جو ٿم آهي. (الفارابي) تعليمي فلسفو ديني جو سڀ کان اعلي درجو آهيءَ قرآن جي فلسفي ۾ نازل ٿيڻ وحي جي ٺيڪ مطابق آهي. (الڪندي) انسان جو ذهن محض هڪ قسم جي باطني صلاحيت آهي جيڪا خارجي ڪائنات کان ڏاهپ حاصل ڪري ان عملي شڪل ڏيئي ٿو انسان پاڻهي يا پيدائشي طور تي ذهين ناهي هوندو بلڪ سمورن انسانن ۾ ڏاهپ گڏيل آهي ۽ شخصيت پرستي جو نظريو بي بنياد آهي. (ابن رشد) فلسفو اسان جي ساڄي هٿ ۾ هوندو ۽ لااله الالله محمد رسول الله جو تاج مٿي تي. (سرسيد احمد خان) خير ۽ شر ۾ فرق ڪرڻ حاصل ڪري ڇڏڻ کانپوءِ شر کي ڇڏڻ ۽ خير کي اپنائڻ جو نالو تعليم آهي. (شاه ولي الله) بهتر ۽ مثبت سوچن هڪ ٻئي کي سموئڻ انساني تعليم. آهي. (علامه اقبال) شروعاتي تعليم کي عام ڪري انهن لکين انسانن کي جيڪي لکڻ پڙهڻ جي بنيادي صلاحيت کان محروم. آهن جهالت ۽ اونداهي کان روشني ۾ آڻڻ جي لاءِ اسان کي عام تعليم جي بهتري ۽ واڌاري جو ڪو موقعو وڃائڻ نه کپي اسان کي به قدم کڻڻ گهرجن ته شروعاتي تعليم. کي عام ڪيو وڃي. (قائداعظم محمدعلي جناح) اسان کي هڪ اهڙو تعليم جو نظام تجويز ڪرڻو پوندو جيڪو اسان جي سمورين قومي ضرورتن کي هڪ ئي وقت پورو ڪري سگهي. جيتوڻيڪ جانور. پکي ۽ پاڻي جي مخلوق اڄ کان هڪ هزار سال اڳ جهڙي ريت رهندا هئا. اڄ به ساڳئي ريت رهن ٿا. ساڳئيءَ ريت جاڳين ٿا ۽ ساڳئيءَ ريت پنهنجي پرورش جو بندوبست ڪن ٿا. ڇوته انهن وٽ تعليم. ناهي. ان ڪري ارتقا به ناهي. ان جي پيٽ ۾ انسان ماءُ جي جهوليءَ کان تعليم. حاصل ڪرڻ شروع ڪري ٿو ۽ قبر تائين سکڻ جي ان مرحلي کان گذري ٿو. تعليمي عمل ڪڏهن ختم نٿو ٿيئي. انهيءَ تعليم جا ثمر آهن ته اڄ کان چاليهه پنجاه سال اڳ انسان جن سهولتن جو سوچي به نه سگهندو هو اڄ اهي انسان جي سمهڻ واري ڪمري تائين پهچي چڪيون آهن ۽ جيڪڏهن اڄ کان صديون اڳ جي انسان کي ٻيهر جنم ملي ته اهو ديومالائي ڪهاڻين جي فرضي قصن ۽ خيالي ڪهاڻين ۾ بيان ڪيل خيالي واقعن جو پنهنجي جيئرين جاڳندن اکين سان مشاهدو ڪري وٺندو اهائي تعليم آهي جيڪا تهذيب و ثقافت ۾ واڌاري جو سبب بڻجي ٿي نوجوان جڏهن تعليم جو مقصد ڪٺي ڪري هجرت ڪن ٿا ۽ ڏوراهين روايتون پاڻ سانبگڏ کڻي اچن ٿا. اتي پنهنجيون قومي و مقامي رسمون به ڇڏي اچن ٿا. ۽ ائين قومن جا تمدن هڪ ٻئي سان نهڪن ٿا ۽ هڪ ٿي صديءَ جي مختصر عرصي ۾ ٻوليون نيئن لغت جون مالڪ بڻجي وڃن ٿيون. لهجا جديد ۽ پراڻن سان واقف ٿين ٿا. ۽ ائين تعليم. سان قديم کان جديد جي وچ ۾ مفاصلا وڌائيندو انسان نسل در نسل ترقي جون منزلون طئي ڪندو وڃي ٿو.

ارتقا جو اهو عمل سو سيڪڙو نبين سڳورن جي بدولت آهي اهو مقدس طبقو جيڪڏهن دنيا ۾ روانو نه ڪيو وڃي ها ته جهنگ جو بادشاه انسان ٿي هجي ها. اڄ اکين کي چنجهو ڪرڻ وارين روشنيون. جي دنيا ۾ به جيڪي قومون نبين جي پيغامن کان پري آهن. انهن جي سفاڪي ڪردار ۽ بي رحمائي ڪردار کان جهنگ جا وحشي درندا به شرمائين ٿا. حال ۽ ويجهي ماضي ۾ نندين قومن سان ٿيندڙ ظلمن ۽ ٻن عظيم جنگين جي تباهين کي ڏسي سگهجي ٿو. الله تعالي نبين جي هٿ ۾ واپار جي لاءِ تارازي ڏئي ڪري نه موڪليو

ماڻهن کي سڌو ڪرڻ جي لاءِ ڊنڊو هٿ ۾ ڏئي ڪري نه موڪليوءَ. زبردستي حڪومت ڪرڻ جي لاءِ اقتدار انهن جي حوالي نه ڪيوءَ نه ئي انهن جي هٿ ۾ لٺ ڏني ته اهي ظالم فوج بڻجي ڪري انسانن کي رڍن ٻڪرين جيان هڪليندا رهن بلڪ ڪائنات جي خالق انهن مقدس هستين تي آسمان کان ڪتاب نازل ڪيا . انهن کي تعليم جي ميسري تي مقرر ڪيوءَ انهن سان گڏ سوين نسبون ٿي پيئي سگهيون هيون . ليڪن انهن جي مڃڻ وارن کي ڪتاب ٿي نسبت سان ياد ڪري انهن کي اهل ڪتاب جي سڃاڻپ عطا ڪئي. اهي سمورا انتظام عمل تعليم جي اهنيت تي وجهي ڇڏيا آهن. نبين سڳورن جي تعليم کان پري ٿي ڪري عملي تعليم جي وسيلي هر قسم جي ترقي حاصل ڪري سگهجي ٿي. ليڪن انسان کي انسان نٿو بڻائي سگهجي. انسان جي نسل کي جيڪڏهن انسانيت بڻايو آهي ته نبين جي ڳالهين تي عمل ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن معاشري ۾ سموريون برائيون ختم ٿي سگهن ٿيون. جيڪو انسانيت جو اصل ۽ حقيقي مقصد پڻ آهي.

تڙي طبيبنِ، گهايلُ گهران ڪَڍيو؛
چِڪيا چاڪَ چِيهُون ڪري، ڪَڙيُون مور نه ڪَنِ؛
دوستَ جي درسنَ سين، ڀَئي نارُ نَپَنِ؛

آئين سان تاريخي/ترميمي کلواڙ ۽ عام چونڊون!!

رحمت الله ٻرڙو

گذريل ڏينهن سينيٽ مان هڪ اڪثريت راءِ سان قرارداد منظور ٿي آهي ته اليڪشن کي وقتي طور ملتوي ڪيو وڃي ڇو ته هڪ ته ملڪ ۾ انتهائي سخت سرد موسم آهي ۽ ٻيو ته دهشتگرديءَ جي ڪري به سيڪيورٽي الرٽ به آهن!!

اهڙي قسم جي قرارداد سينيٽر دلاور خان پيش ڪئي آهي جنهن جي مخالفت نواز ليگ جي سينيٽر پڻ ڪئي آهي مجموعي طور موجود سينيٽ اجلاس جي ميمبر مان هڪ مخالفت ڪئي باقي 14 ميمبرز قرارداد جي حق ۾ حمايت ڪندي حمايت ڪئي ۽ ائين اها سينيٽر دلاور خان پاران پيش ڪيل قرارداد پاس ڪئي وئي!!

آيل خبرن موجب پيپلز پارٽي، نواز ليگ، پي ٽي آءِ، جماعتي اسلامي، کان ويندي ڪجهه پارٽين جي قيادتن سينيٽ قرارداد واري عمل جي مٿين دل سان ننڌا ڪئي آهي جيڪا ڪافي ناهي. هاڻي سوال اهو اهم آهي ته اهو سڀ ڪجهه ٿئي ڇو ٿو ۽ ڪري ۽ ڪرائي ڪير ٿو؟

جڏهن اسان ان سوال جو جواب ڳولهينداسين ته اسان کي پنهنجي ماضيءَ جي پنهنجي آئيني، پارلياماني، عدالتي، حڪومتي، سياسي توڙي ڊڪٽيٽرشپ جي آئين سان کلواڙي عملن کي ڏسڻو پوندو. ڳالهه فقط اليڪشن ٿيڻ ۽ نه ٿيڻ جي ناهي، ڳالهه اقتدار ۾ ڪير اچي ۽ ڪير نه اچي واري ورجاءُ جو فيصلو پڻ اهميت وارو آهي جيڪو پڻ هي سينيٽ وارا عمل ڪرائي ٿو جنهن جي قانونن توڙي آئيني ڪا خاص حيثيت ناهي!!

ڇو ته هڪ ته سينيٽ جو آئيني طور ڪورم پورو نه هو جيڪو هجڻ قانونن ۽ ايوان جي روح موجب ضروري آهي. پر هتي اهڙن جمهوري روح جي ابتڙ ڪڏن عملن کي جتي اسانجي اڄ جي سياسي ۽ جمهوري قيادتون آهن پر پنهنجي ماضيءَ ۾ ليئو پائي ڏسن ته هنن اقتداري لالچ يا حوس ۾ ڊڪٽيٽرن جي جوڙ تي ملڪي آئين سان ترميمن يا ڊڪٽيٽرز جي منشا واري آئيني گهرجن کي سپورٽ ڪئي آهي ڪنهن کي شڪ هجي يا اعتراض اسانجي ڳالهه سان ته پنهنجو اقتداري، سياسي ۽ پارلياماني ماضي جاچي ڏسن؟؟

اهڙي ئي نموني ۾ اسانجون عدالتون يا ججز پنهنجو عدالتي تواريخي ماضي کڻي ڏسن 1973 جي آئين سان ضياءَ مارشلا ۽ پرويز مشرف مارشلا جو پارلياماني دور سڀ جي سامهون آهي ؟؟

انهن ٻنهي ڊڪٽيٽرشپ جي دور حڪومت ۾ ايوانن يا اسيمبلين مان آئيني ترميمي بلز يا قراردادن جي نالي تي آئين سان اها ڪهڙي منشا مرضي يا مزاق ناهي ڪئي جتي هنن جو مفاد هو، اهو مفاد انهن حالتن موجب هجي يا نه پر هنن جي خواهشن موجب هو ته اهو ٿيو پئي جنهن جو شاهد اڄ جو سينيٽر سياستدان خود آهي ۽ جي وسري وير ائين ته تاريخ جو هڪ دفعو وري مطالعو ڪري ڏسن. اسان پنهنجي مضمونن ۾ اڳي به لکي چڪا آهيون ته دنيا نيوورلڊ آرڊر مان نڪري نيوورلڊ ڊس آرڊر واري حالت مان گذري رهي آهي جتي جيئن ٿئي پيو اهو جڻ ته پنهنجي من ماني وٺان پيو ٿئي!!

جنهنجي جڻ ته دنيا جي ڪنهن به عالمي سفارتي، سماجي ترقي، جمهوري قدرن جي اخلاقي توڙي يو اين او چارٽرڊ جي ڪا اهميت ناهي رهي، اوهان ڏسو اسرائيل جي جارحيت، اوهان ڏسو يوڪرين مٿان حملا، اوهان ڏسو عالمي داداگيرن جون دنيا جي اسرندڙ ملڪن سان ازهوراوريون. اوهان کي ڪٿي به عالمي سماجي معاهدن، سفارتي اخلاقيات يا وري اقوام متحده جي معاهدن جي ڪا به پرواهه ناهي رهي!!؟؟

اهڙي ئي نموني دنيا آهستي آهستي جيئن گلوبل وليج واري تصور ۾ سلهاڙجي پئي ۽ انهن جا مفاد برابريءَ جي بنياد تي هجن پيا يا ٽڪراءُ جڻ پيا ته اتي انهن جون سرمائيداراڻي اثر سبب يا وري مفادن تحت پاليسيون تبديل ٿين پيون. جنهن سبب ڏاکڻ آفريڪي ملڪن جي لڪل معدنياتي ذخيرن کان ويندي پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جا اهم معدني ذريعا هجن يا وري زميني زرعي ٽارگيٽ آهي انهن جن جو ٽارگيٽ ٿين ٿا. اوهان جي آزاد ڪشمير کان ويندي جمون ڪشمير توڙي سنڌ جي سامونڊي وسيلن کان ويندي زرعي ڪارپوريٽ فارمنگ جا ٽارگيٽ عالمي سرمائيدار طبقي جي منصوبابندي جا اثر ٿا لڳن جنهن سان اسانجو مفاداتي طبقو به ٻڌل آهي!!

ان لاءِ هنن کي گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي جنهن لاءِ هو اسان جي سياست، پارليامينٽ کان ويندي اقتداري ايوانن تائين گهڻو ڪجهه تبديل ڪرڻ پويان ماضيءَ کان وٺي لڳل آهن. جنهنجو اثر جنرل ضياءَ جي مارشل کان تيزيءَ سان ٻوڙندو اچي هن هائبرڊ انفارميشن ٽيڪنالوجي کان ٿيندي انفارميشن انٽيليجنسي تائين پهتو آهي. جنهن ۾ يا جنهن جي بنياد تي گهڻو ڪجهه عوام ملڪن ۽ دنيا جي ڪمزور طبقن سان ٿي سگهي ٿو جيڪو ڪجهه ٿيندي نذر به اچي ٿو پر قدرن کان پري بيٺل سماج جا فرد پاڻ بچائڻ واري انفرادي سوچ جي واتراڻ پٺي ۾ اچي پنهنجي گڏيل مفادن کان پري پري ٿيندي نذر اچن ٿا جنهن سبب هي سڀ ڪجهه اسان سان ٿي رهيو آهي. هاڻي هنن ملڪي حالتن ۾ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اسان جي سپريم ڪورٽ ۽ هائي ڪورٽ جي سڀني ججز کي گڏجي يڪراءِ ٿي ڪري ملڪ جي آئين سان ٿيل ترميمي مذاقن کي جيڪي خصوصي طور جنرل ضياءَ جي ڊڪٽيٽرشپ ۾ ٿيا ۽ پرويز مشرف جي حڪومتي دور ۾ پڻ ترميمن سان کلواڙ ٿيا کي واپس ڪرائڻ پرڻدو چاهي اهي آئين ۾ ٿيل ترميمون ان وقت جي ربڙاسٽيمپ اسيمبلين مان ڇو نه منظور ٿيل هجن ممڪن آ ته اسان جا ملڪي ۽ اداراتي احساس رکندڙ عدالتي توڙي اداراتي سربراهه ان ڳالهه تي فڪرمند به هجن . پر جي اهڙي ڳالهه هو محسوس ڪن ٿا ته ان کي فوري عملي صورت ڏيڻ جي ڪوشش ڪن ته جيئن ملڪ توڙي اداراتي بگاڙ واري صورتحال ۽ عوامي اهنجن توڙي تڪليفن کي فوري طور حل ڪري سگهجي. ان کان علاوه اسانجي ملڪي سياسي قيادتن، ملٽري بيوروڪريسي ،سول بيوروڪريسي کان ويندي ڪاروباري ۽ مختلف مذهبي حلقن کي ملڪ ،قوم توڙي ادارن جي بهترين لاءِ هڪ هنڌ گڏ ٿي فڪرمند ٿي ۽ پوندو ۽ ملڪ جي 1973 واري متفقه آئين کي اصلي صورت ڏيڻ لاءِ هڪ ٿي پوندو ته جيئن اسان جو ملڪ يا قيادتون ملڪي اهم مسئلن جو حل ۽ عالمي چئلينجز کي سولائيءَ سان منهن ڏئي سگهن جيڪڏهن اهڙين ڳالهين تي فوري طور عمل نٿو ٿئي ۽ سياسي توڙي ملڪي اداراتي قيادتون ڇڙواڳيءَ جو شڪار پنهنجي اقتداري ۽ مفاداتي بنيادن تي رهيون پوءِ اسان جو مستقبل وڌيڪ چئلينجز کي منهن ڏئي نه سگهي.

بقايا *** 01

آهي. جڏهن ته بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر برسات ۽ برفباري جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. موسميات کاتي مطابق بلوچستان جي مختلف علائقن ۾ اڄ کان برسات ۽ برفباري جو نئون اسپيل داخل ٿي ويندو برسات ۽ برفباري جي نئين اسپيل سان نوشڪي، چاگي، تربت ۽ ڪيچ سميت پنجگور ۾ برسات جا امڪان آهن. جڏهن ته ڪوئيٽا قلات، چمن زيارت قلعي عبدالله توبع اچڪزئي ۽ ڪانمهترزي ۾ برسات سان گڏ پهاڙن تي برفباري جو به امڪان آهي. قلات ۾ پارو ڪاتو 2 ۽ ڪوئيٽا ۾ ڪاتو 1 ڊگري تائين هيٺ ڪري پيو لاهور سميت پنجاب ۾ سخت سيءَ سان گڏ ڪوهيڙ جو راڄ برقرار آهي. اڄ کان ڪراچي ۾ به سيءُ وڌڻ جو امڪان آهي. گرمي پد 12 کان 14 ڊگري رهي سگهي ٿو.

بقايا *** 02

اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري جي استعيفيٰ منظور ناهي ڪئي، عمر حميد جو ٻن سالن جو ملازمت جو مدو گذريل سال جولاءِ ۾ ختم ٿيو هو ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر سندس ملازمت جي مدي ۾ هڪ سال واڌ ڪئي هئي. واضح رهي ته اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري جي استعيفيٰ اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي، جڏهن ملڪ ۾ عام چونڊون ويجهو آهن. اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري عمرحميد جي استعيفيٰ جي خبر تي اليڪشن ڪميشن ترجمان وضاحت جاري ڪري ڇڏي. اليڪشن ڪميشن ترجمان پنهنجي بيان ۾ واضح ڪيو آهي ته اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري ڪورونا سبب موڪل تي آهي ۽ ان جي استعيفيٰ بابت ڪا اپ ڊيٽ ناهي. هن چيو ته عمر حميد هڪ ذهين ۽ محنتي آفيسر آهي. جيڪو بهتر انداز ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، سندس طبعيت ڪجهه ڏينهن کان خراب هئي ۽ هن وقت ميڊيڪل ريسٽ تي آهي. ڪيس صحت اجازت ڏني ته جلد پنهنجا فرض انجام ڏيندو سندس چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن مڪمل طور فعال آهي ۽ ان جي ڪنهن به ڪم ۾ رنڊڪ ناهي، موڪلن جي ڏينهن ۾ به اليڪشن ڪميشن جون آفيسون کليل آهن ۽ سيڪريٽري جي غير موجودگي ۾ اسپيشل سيڪريٽري سلي طريقي سان ڪم هلائي رهيو آهي.

بقايا *** 03

هن چيو ته اسان کي نه ڪنهن پٽواري جي ضرورت آهي نه ئي ڪنهن ٻئي جي. مون کي صرف عوام جو ساٿ گهرجي. هي اسان کان پڇن ٿا ته اوهان هتي ڇو آيا آهيو؟ هي پاڻ جنرل ضياءَ جي ڪري لاهور تي مڙهيا ويا. اسان هن شهر ۾ سياست صرف پ پ جي خيالن جي ڪري ڪري رهيا آهيون. بلاول ڀٽو چيو ته اسان جو مقابلو مهانگائي، بيروزگاري ۽ غربت سان آهي عوام جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رهندي. لاهور ۾ وڏيون اسپتالون ناهينداسين ته جيئن ڪنهن کي به علاج جي لاءِ ٻاهر نه وڃڻو پوي. ڪچين آبادين کي مالڪاڻا حق ڏينداسين. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته ورهاست ۽ نفرت جي سياست کي ختم ڪنداسين پنجاب جي هر ضلعي ۾ مفت علاج جا ادارا ناهينداسين عوام کي گهرن جي فراهمي اسان جي اولين ترجيح آهي. 300 يونٽ تائين بجلي مفت ڏينداسين پگهار ڊبل ڪنداسين. هن چيو ته اسان مزدورن ۽ هارين کي ڪارڊز ڏينداسين بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۾ اضافو ڪرڻو آهي. رب پاڪ موقعو ڏنو ته 30 لک پاڪستانين کي پڪا گهر ناهي ڏينداسين. مشڪل معاشي حالتن ۾ اسان کي بک کي ختم ڪرڻو آهي. بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته نفرت جي سياست کان علاوه هڪ

ٿي آئيش آهي ۽ اهو پيپلز پارٽي آهي جنهن کان پوءِ هڪ ٻئي ڪارنر گڏجاڻي کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته ڪارڪن ملي جدوجهد ڪندا ته اسان لاهور پاڪستان جي قسمت تبديل ڪنداسين چاهن ملڪ جي قسمت ۾ لکيل آهي ته اسان کي هڪ ئي ماڻهو کي وزيراعظم بڻائڻو آهي. هن وڌيڪ چيو ته 8 فيبروري تي عوام تير تي ٺپو هڻي نوجوان قيادت کي اڳيان آڻي. پ پ جي منشور ۾ سمورن مسئلن جو حل آهي. اوهان سڀ منهنجا سفير بڻجي گهر گهر وڃو جڏهن اوهان سڀ گهر گهر وڃي عوام کي ٻڌائيندو ته پ پ جي حڪومت هوندي ته غربت جو خاتمو ٿيندو ۽ روزگار ملندو انشاءالله اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن ملڪ جي عوام جي قسمت تبديل ٿيندي.

بقايا *** 04

تائين پهتو. وفاقي حڪومت جو مقامي قرض 40 هزار 956 ارب روپين تي پهچي ويو جڏهن ته وفاقي حڪومت جو پرڏيهي قرض وڌي 22 هزار 434 ارب روپيا رهيو مرڪزي حڪومت جي قرض ۾ هي اضافو نومبر 2022ع کان نومبر 2023ع دوران ٿيو هلندڙ مالي سال جي شروعاتي 5 مهينا (جولاءِ کان نومبر 2023ع) جي دوران وفاقي حڪومت جو قرض 2 هزار 549 ارب روپيا وڌيو اڪٽومبر جي مقابلي ۾ 2023ع ۾ وفاقي حڪومت جي قرض ۾ 907 ارب روپيا جو اضافو ٿيو اسٽيٽ بينڪ پاران جاري ڪيل دستاويز مطابق نومبر 2022ع ۾ وفاقي حڪومت جو قرض 50 هزار 959 ارب روپيا هو جڏهن ته جون 2023ع ۾ وفاقي حڪومت جي قرضن جو هجم 60 هزار 841 روپيا هو.

بقايا *** 05

ڪنهن جو پيچ پڪڙي نه ۾ عوام جي ڪلهن تي سوار ٿي اسيمبلي پهچڻ چاهيان ٿو هن چيو ته تحريڪ انصاف باني عمران خان سان 54 سالن جو واسطو آهي ۽ هو سٺو دوست آهي پر هن وقت ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي. سندس چوڻ هو ته ن ليگ سان اختلاف اصولن تي ٻڌل آهي، پارن سامهون هٿ ٻڌي نٿو بيهي سگهان. غلام سرور خان جعلي ڊگري وارو آهي. هن پي آءِ اي کي نقصان پهچايو هن وقت ملڪ ۽ ڪوڙ ۽ مفاد جي سياست ٿي رهي آهي.

بقايا *** 06

باقاعدي طور شروعات 12 جنوري کان ٿيندي. انفارميشن ٽيڪنالاجي بابت نگران وفاقي وزير عمر سيف 12 جنوري تي هڪ قدم جي شروعات لاءِ ٽيلي ڪام اسٽيڪ هولڊرز سان سهڪار جا تفصيل جاري ڪري ڇڏيا. ذريعن موجب نگران حڪومت جو اهو پروگرام واهپيدارن کي آسان قسطن جي منصوبي ذريعي جديد ترين ماڊل فونز حاصل ڪرڻ جي لائق بڻائيندو. نگران وفاقي وزير ٻڌايو ته آءِ فون ان آچ ۾ شامل هوندي، پي ٽي اي قسط جي ادائيگي ۾ ناڪامي جي صورت ۾ هينڊ سيٽس کي بلاڪ ڪرڻ لاءِ ڊوائس آئيڊنٽيفڪيشن. رجسٽريشن ۽ بلاڪنگ سسٽمز کي لاڳو ڪندي. ڊاڪٽر عمر سيف چيو ته پاليسي جو مقصد ذميوارائي مالياتي رويي کي هٿي ڏيڻ ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ آهي ته سمارٽ فونز جي پهچ ۾ واڌ ٿيندي رهي. ان پاليسي تحت ٽيلي ڪام ڪمپنين کي قسطن جي منصوبين ذريعي واهپيدارن کي سٺي ريٽ سمارٽ فونز پيش ڪرڻ جو موقعو ملندو. خاص طور تي گهٽ آمدني واري طبقي ۾ موبائل براڊ بينڊ جي فائدي کي واڌ ملندي.

بقايا *** 07

جو ماحول ناهي. اسان جلسن ۾ نشا رجي سگهون. اسان جي جلسن ۾ شرڪت تي ماڻهن کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. سينيٽ جو نهراءِ اسان جي موقف جي تائيد آهي. هن چيو ته ماحول کي اهڙو بڻايو وڃي ته اسان ووٽر وٽ رجي سگهون. بلوچستان ۽ خيبر پختونخواهه ۾ چونڊن جو ماحول ناهي پر جيڪڏهن هر صورت ۾ چونڊون مڙهيون ويون ته اسان حصو وٺنداسين. اسان چونڊن کان پڇڻ وارا ناهيون.

بقايا *** 08

جاري ڪري ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب چونڊ تڪن جي حساب سان شروعاتي پولنگ اسٽيشنن جي لسٽ شايع ڪئي وئي آهي. شروعاتي پولنگ لسٽ تي تڪ جو ووٽر ۽ اميدوار اعتراض يا تجويز 11 جنوري تائين جمع ڪرائي سگهي ٿو ترجمان موجب 12 کان 17 جنوري جي دوران ڊي آر اوز اهڙن اعتراضن ۽ تجويزن تي فيصلو ڏيندا. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان چيو ته شروعاتي فهرستن تي داخل ڪيل اعتراضن تي فيصلن کان پوءِ پولنگ اسٽيشنن جي حتمي فهرست عام چونڊن کان 15 ڏينهن جاري ڪئي ويندي. ياد رهي ته ملڪ ۾ 8 فيبروري تي چونڊون منعقد ٿينديون. عام چونڊن لاءِ اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن مختلف سياسي پارٽين طرفان پنهنجن اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪرڻ جو سلسلو به جاري آهي.

بقايا *** 09

رجسٽري ٻاهران احتجاج ڪيو ويو. ان موقعي تي سنڌ جي نائب صدر ظهور محسود ايڊووڪيٽ ۽ ٻين وڪيلن جو چوڻ هو ته پي ٽي آءِ کان چونڊ نشان کسي اليڪشن وڙهڻ جي حق کان محروم ڪيو پيو وڃي. وڪيلن چيو ته تحريڪ انصاف کي چونڊ نشان واپس ڏئي ڪارڪنن مان بيچيني ختم ڪئي وڃي. هنن چيو ته چيف جسٽس پاڪستان مان انصاف جي اميد آهي ته هو پي ٽي آءِ کي چونڊ جو نشان واپس ڏيندو

بقايا *** 10

ڪان پوءِ مٺائيون ورهايون ويون . آل سنڌ ايجوڪيشن لوئر اسٽاف جي صدر منظور اڙو ، ذوالفقار ٿهيم . محمد اظهر . عارف خان ٻين نگران صوبائي وزير تعليم رعنا حسين ، تعليم ڪاتي واري سيڪريٽري شيرين ناريجو ، ڊائريڪٽر سڪينڊري ايجوڪيشن ڪراچي يار محمد بالادي ٻين اعلي آفيسرن جا شڪرگذار آهيون ته جن لوئر اسٽاف ڪلاس فور جي 397 ملازمن کي اڳين گريڊ 11 ۾ ترقيون ڏنيون آهن آل سنڌ ايجوڪيشن لوئر اسٽاف جي صدر منظور اڙو ٻين چيو ته تعليم ڪاتي جي نگران وزير، سيڪريٽري تعليم سنڌ . ڊائريڪٽر سڪينڊري اسڪول ڪراچي جا تعليم ڪاتي جي لوئر اسٽاف جي لاءِ خوش آئنده قدم آهن جو انهن لوئر اسٽاف ڪلاس فور جي ملازمن کي اڳين گريڊ ۾ ترقيون ڏئي آفيسن ۾ ڪلارڪ اسٽاف جو درجو ڏنو هنن جا چيو ته اسان جون ترقيون . سالن کان رهيل هيون جيڪا نگران حڪومت ۾ ڪيون ويون آهن جنهن جا اسان ٿورائتا آهيون لوئر اسٽاف جي ملازمن طرفان ترقيون ملڻ کان پوءِ خوشي ۾ مٺايون ورهايون ويون ۽ ڊائريڪٽر تعليم جي دفتر سميت تعليم ڪاتي جي مختلف آفيسن ۾ ميرٽ تي ترقيون ڏيڻ جا بينر هڻا ويا.

بقايا *** 11

شڪيل احمد پي ٽي آءِ اڳواڻ اسد قيصر جي اپيل تي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته رٽرننگ آفيسر پارٽي اڪائونٽ جي معاملي تي اسد قيصر جا ڪاغذ رد ڪيا. رٽرننگ آفيسر پارٽي اڪائونٽ کي اسد قيصر جو ذاتي اڪائونٽ قرار ڏنو. اليڪشن ڪميشن جي وڪيل چيو ته ها اهو واضح آهي ته اڪائونٽ اسد قيصر جي نالي تي ناهي. پارٽي اڪائونٽ آهي. بعد ۾ ٽربيونل اسد قيصر جا ڪاغذ صحيح قرار ڏئي ڇڏيا. واضح رهي ته خيبرپختونخواهه مان قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 19 صوابي مان اسد قيصرجا نامزدگي ڪاغذ رد ڪيا ويا هئا.

بقايا *** 12

فراڊ ڪندڙن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ورتي تفصيل موجب مصطفيٰ گوري ۽ رميز نالي جوابدارن جي خلاف فراڊ جي رقم مان پراپرٽي خريد ڪرڻ جي الزام ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي بنهي ڳڏجي مني لانڊرنگ جي ذريعي خريد ڪيل پراپرٽيز ۾ گلشن اقبال ۾ هڪ فليٽ. پلاٽ ۽ ناز پلازا ۾ هڪ دوڪان خريدڪ رڻ کان علاوه گهر پاڻين سان گڏ اي ڪامرس جي ذريعي مختلف شيون خريد ڪيون ۽ ڪريڊٽ ڪارڊ بل ادا ڪيا. جنهن کان پوءِ آرڊر ڪينسل ڪري رقم واپس ورتي،

مرجنٽس ملٽي پل ايڊوائيزز جي جواب ۾ صرف هڪ سيٽل مينٽ جي رقم وصول ڪئي وئي. جوابدارن بقايا رقم وٺڻ لاءِ خانگي بينڪ جي مختلف برانچن ۾ موجود پنهنجا اڪائونٽ استعمال ڪيا. خانگي بينڪ جي آءِ ٽي سسٽم جي ذريعي بينڪ کي ڪل 14 ڪروڙ 20 لک روپين جو نقصان ڏنو ويو بينڪ جي شڪايت تي سائبر ڪرائم سرڪل ڪراچي جاچ کان پوءِ ايف آءِ آر داخل ڪئي ۽ اينٽي مني لانڊرنگ قلمن کان پوءِ جاچ لاءِ ايف آءِ آر (ايف آءِ اي) مني لانڊرنگ سرڪل منتقل ڪئي وئي.

بقايا *** 13

سان ملاقات ڪئي وئي. ملاقات ۾ تحريڪ انصاف کي بنا فرق جي ليول پلئنگ فيلڊ فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي. اليڪشن ڪميشن طرفان چئني صوبن جي آءِ جيز کي هدايتون به جاري ڪيون ويون 26 ڊسمبر تائين تحريڪ انصاف طرفان ملڪ جي مختلف هنڌن تان 33 شڪايتون داخل ڪرايون ويون. پي ٽي آءِ جي شڪايتن تي قدم کڻڻ ۽ هدايتن جا تفصيل به سپريم ڪورٽ کي فراهم ڪيا ويا پي ٽي آءِ جي شڪايت تي آءِ جي، چيف سيڪريٽري ۽ آر اوز عملدرآمد رپورٽس به جمع ڪرايون. ليول پلئنگ فراهم نه ڪرڻ جي الزامن کي آر اوز جي رپورٽ جي روشني ۾ رد ڪريون ٿا

بقايا *** 14

جي نگراني ۾ ٿيندڙ اليڪشن کي غير منصفاڻيو قرار ڏئي عاوم چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو آهي. بنگلاديشي ميڊيا موجب وزيراعظم شيخ حسينه واجد ڍاڪا ۾ پنهنجو ووٽ ڪاسٽ ڪيو جڏهن ته بنگلاديش جي عام چونڊن جا شروعاتي نتيجا جو اعلان سڀاڻي تائين ٿيڻ جو امڪان آهي ۽ مخالف ڌر جي بائيڪاٽ سبب هڪ ڀيرو وري شيخ حسينا واجد جي وزيراعظم بڻجڻ جو امڪان آهي. بي پاسي شيخ حسينه جو چوڻ آهي ته چونڊن جو بائيڪاٽ ڪندڙ مرڪزي جماعت هڪ دهشتگرد تنظيم آهي، ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون ته ملڪ جمهوري رهي. هن چيو ته بنگلاديش هڪ خودمختيار ملڪ آهي، ماڻهو منهنجي طاقت آهن ۽ اسان جي جماعت عوامي مينڊيٽ حاصل ڪندي. بي پاسي بي اين پي سڀاڻي کان ملڪ ۾ 2 ڏينهن جي هڙتال جي ڪال به ڏني آهي جڏهن ته اليڪشن کان اڳ پرتشدد واقعن واقعا به سامهون آيا ۽ ان دوران 5 اسڪولن ۽ 4 پولنگ بوٿز کي ساڙيو ويو چٽا گانگ ۾ پوليس ۽ اپوزيشن ميمبرن وچ ۾ چڪريون به ڏسڻ ۾ آيون. اپوزيشن ڪارڪنن ٽائر ساڙي رستا بلاڪ ڪيا هئا. اپوزيشن کي چڙوچڙ ڪرڻ لاءِ پوليس پاران شاٽ گن سان فائرنگ ڪئي وئي.

بقايا *** 15

گناهه آهي. پنهنجي هڪ بيان ۾ ڪهدا بابر چيو ته سينيٽ مان منظور ٿيل نهراءِ تي تنقيد ڪندڙن کان سوال ڪيون ٿا. هن چيو ته مان هر تنقيد ڪندڙن کي ٻڌو پر سڀني جا داستان ذاتي مفاد کان وڌيڪ ڪجهه ناهي. ڪهدا بابر چيو ته جا نهراءِ آئين جي خلاف هو جا هن کان اڳ چونڊون التوي جو شڪار ناهن ٿيون. هن ملڪ ۾ هر ڪوئي وزيراعظم بڻجڻ چاهي ٿو پر عوامي مسئلن سان ڪنهن به ڪوئي تعلق ناهي. هن چيو ته اسان پنهنجي صوبن ۽ علائقن جي ترجماني ڪئي. خدشا نهراءِ ۾ رکي ڇڏيا آهن. اليڪشن ڪميسن اسان جي خدشن کي ڏسي جائزو وٺي ۽ غور ڪري. سينيٽر ڪهدا بابر چيو ته امن امان جي صورتحال ڏسندي ڪنهن کي ڪجهه ٿيو ته ان جو زميوار ڪير هوندو. وڏي سياسي پارٽين جي خواهشن لاءِ پنهنجي حق تان دستبردار نٿو ٿي سگهجي.

بقايا *** 16

جي جج جسٽس جوڌري عبدالعزيز فيصلو محفوظ ڪيو پي ٽي آءِ باني جي چونڊ وڙهڻ جي قسمت جو فيصلو 10 جنوري جي صبح 10 وڳي ٻڌايو ويندو. بيرسٽر علي ظفر اڳوڻي پي ٽي آءِ چيئرمين طرفان عدالت ۾ پيش ٿيو. هن استدعا ڪئي ته رٽرننگ آفيسر جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. عمران خان جي وڪيل چيو ته آر او اهو فيصلو نٿو ڪري سگهي ته معاملو مورل ٽربيپيوٽ جو آهي يا نه ڪوبه شخص اهل آهي يا نااهل ان جي لاءِ شاهديون گهرجن. تحريڪ انصاف چيئرمين جي معاملي ۾ آر او جي فيصلي ۾ اهڙو ڪجهه نه هو. 2018 ۾ خواجه محمد آصف ڪيس جو حوالو ڏيڻ چاهيان ٿو ٽربيونل چيو ته خواجه محمد آصف ڪيس ۾ پگهار جو ذڪر هو. توشه خانه مان جيڪي شيون ورتيون ويون ڇا انهن جا تفصيل ڏنا ويا؟ اسان هتي توشه خانه ڪيس جي ميرٽ تي نه پيا ڳالهايون جيڪي پئسا توشه خانه جون شيون وڪرو ڪري حاصل ڪيا ويا اهي ٻڌايا ويا هئا؟ ڊي جي لا دليلن ۾ چيو ته رٽرننگ آفيسر کي سرسري ٻڌڻي ڪرڻي

هوندي آهي. جوابدار سزا يافته هجي ته چونڊ نٿو وڙهي سگهي ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ باني کي نااهل قرار ڏنو آهي. سزا ختم نه ڪئي آهي اها برقرار آهي. ڊي جي لا چيو ته رٽرننگ آفيسر قانون موجب ڪاغذ رد ڪيا ان لاءِ استدعا آهي ته پي ٽي آءِ چيئرمين جي اپيل رد ڪئي وڃي.

بقايا *** 17

ڪنيو ويو آهي. پاڪ نيوي جي ترجمان مطابق پاڪ نيوي ميري ٽائيم سيڪيورٽي نازن واقعن کان پوءِ عربي سمنڊ ۾ پنهنجا جنگي جهاز بيهاري ڇڏيا آهن جن جي پاڪستاني واپاري رستن جي حفاظت يقيني بڻائڻ لاءِ پيٽرولنگ جاري آهي. پيٽرولنگ جو مقصد پاڪستان ۽ پرڏيهي واپاري بحري جهازن جي حفاظت ڪرڻ آهي ۽ پاڪ نيوي پاران انهن واپاري لنگهن جي مسلسل فضائي نگراني به ڪئي پئي وڃي. پاڪ نيوي خطي ۾ بحري امن برقرار رکڻ جي حوالي سان پنهنجي قومي ذميواري کان چڱي نموني آگاهه آهي ۽ جنگي جهاز عربي سمنڊ ۾ مستقل موجودگي يقيني بنائڻ لاءِ پيٽرولنگ ڪن ٿا.

بقايا *** 18

رد ۽ نااهل ٿيڻ کانپوءِ فواد چوڌري کي به طلب ڪيو ويو فواد چوڌري جو اين اي 60 ۽ 61 جي منظور ٿيل دستاويزن وارو فرمان واپس ورتو ويو اليڪشن ٽربيونل جو چوڻ آهي ته فواد چوڌري پنهنجي زال جا بئنڪ اڪائونٽس ۽ پرڏيهي دورا ڪاغذن ۾ لڪايا. ٽربيونل سوال اٿاريو ته حقيقتون لڪائڻ تي ڇو نه فواد چوڌري کي به نااهل ڪيو وڃي؟ اليڪشن ٽربيونل فواد چوڌري کي نوٽيس جاري ڪندي 9 جنوري تي جواب طلب ڪري ورتو

بقايا *** 19

باوجود اليڪشن ڏانهن وڃي سگهي ٿو نجي ٽي وي چئنل جي پروگرام ۾ ڳالهائيندي مرتضيٰ سولنگي چيو ته چونڊن ۾ دير بابت سينيٽ جي نهراءِ تي تبصرو نه ڪندس. نگران حڪومت اهڙي ڪنهن سرگرمي جو حصو نه بڻجندي. جنهن سان اليڪشن ڪميشن جي ڪم ۾ مداخلت ٿئي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته حڪومت جو ڪم ججن جي تبصري تي تبصرو ڪرڻ ناهي. عدالتي فيصلن تي عملدرآمد ڪرائڻ آهي، فيصلو غلط لڳو ته چئلينج ڪري ڇڏينداسين. سندس چوڻ هو ته چونڊن جي تاريخ ڏيڻ يا اليڪشن جي تاريخ ۾ تبديلي ڪرڻ اليڪشن ڪميشن جي ذميواري آهي.

بقايا *** 20

زال نازيا ۽ ڀائٽيو صمد دستي چونڊ وڙهي رهيا آهن. جن نامزدگي ڪاغذ رد ٿيڻ خلاف اپيلون ڪيون هيون اپيلن ٻڌڻي دوران جمشد دستي جي زال نازيا، ڀائٽيي عبدالصمد دستي، ليا مان تحريڪ انصاف جي نياز احمد جکڙ ۽ ملڪ اويس حيدر جکڙ جا نامزدگي ڪاغذ منظور ڪري ورتا جمشيد دستي جي اين اي 175 ۽ اين اي 176، پي پي 268، پي پي 269، پي پي 70 تان نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي اڄ ٿيندي

بقايا *** 21

سانا سنڌ ڪانفرنس جو انعقاد آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ ڪيو ويو اطلاعات واري نگران صوبائي وزير ۽ آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي صدر محمد احمد شاه ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته اسان هتي انساني حقن بابت ڳالهائڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. سنڌي اديب به اسان جي معاشري جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن اطلاعات کاتي واري نگران صوبائي وزير محمد احمد شاه چيو ته ڪانفرنس ۾ ڪيترن ئي اهم موضوعن تي ڳالهايو ويندو. هن چيو ته نوجوان ملڪ کي ترقي وٺرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا. سنڌي نوجوانن کي هڻ تمام گهڻو متحرڪ ڏسي رهيا آهيون اهي هر شيءِ تي گهري نظر رکن ٿا. محمد احمد شاه چيو ته آءِ ٽي جي شعبي سان منسلڪ رهي نوجوان نسل ملڪ کي ترقي وٺرائڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري سگهي ٿا. سنڌ اطلاعات کاتي واري نگران وزير چيو ته سنڌي نوجوان نه صرف پاڪستان پر پوري دنيا جي ماڻهن کي پاڻ سان گڏڻ جو ڪم ڪري سگهي ٿو اڄ جو نوجوان پاڪستان جو رول ماڊل آهي، سيد محمد احمد شاه وڌيڪ چيو ته هن ادب ۽ فنون لاءِ مختلف ڪميونٽيز سان گڏجي ڪم ڪيو آهي. توهان هن ڪانفرنس مان گهڻو ڪجهه سکندوءِ نگران صوبائي وزير چيو ته سانا سنڌ ڪانفرنس سنڌ جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندي. ان موقعي تي اطلاعات کاتي واري صوبائي وزير محمد احمد شاه سانا سنڌ ڪانفرنس سان خطاب ڪندي وڌيڪ چيو ته اسان پرائيويٽ سيڪٽر

تي انحصار نه ٿا ڪري سگهون. نوجوانن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻو پوندو ته جيئن گورنمينٽ سيڪٽر ۾ بهتر نوڪرين موقعا حاصل ڪري سگهن. هن چيو ته تعليم ئي اهو واحد رستو آهي جنهن ذريعي توهان نه صرف پنهنجي صوبي پر پوري ملڪ جو نالو دنيا ۾ روشن ڪري سگهو ٿا. اسان جا نوجوان پوري دنيا ۾ پاڻ کي مڃرايو آهي. سنڌ ڌرتي ڪيترن ئي مشهور ماڻهن کي جنم ڏنو آهي. محمد احمد شاه چيو ته هوسٽن ، اينجلس سميت آمريڪا جي ٻين حصن ۾ به سنڌي برادري سنڌي ادب لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

بقايا *** 22

۾ ملاقات ڪئي ۽ آرٽ اينڊ ڪلچر سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، ان موقعي تي ڪامران خان ٽيسوري ڳالهائيندي چيو ته ملڪ جو آرٽ ۽ ڪلچر سڄي دنيا ۾ منفرد آهي. آرٽ ۽ ڪلچر جي ترقي لاءِ ڀرپور قدم کنيا ويندا. ڪريسنٽ ان ڏس ۾ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. ايگزيبيشن ۽ ٻين معاملن ۾ هر ممڪن تعاون ڪيو ويندو ناصر جاويد ڳالهائيندي چيو ته آرٽ ۽ ڪلچر کي هٿي ڏيڻ لاءِ پاڪستان سميت ڪينيڊا، يو ڪي ۽ ٻين ملڪن ۾ لاڳاپا آرٽ شو ڪيا وڃن ٿا. شاگردن جا حوصلا وڌائڻ ۽ سندس صلاحيتون وڌائڻ لاءِ آرٽ ڪامپيٽيشن، ايگزيبيشن، ورڪشاپ ۽ سيمينار به ڪيا وڃن ٿا. محدود وسيلن جي باوجود آرٽ کي هٿي ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهيون. ان کان سواءِ ناصر جاويد ۽ سمير ناصر گورنر ڪامران ٽيسوري کي پينٽنگ به پيش ڪئي.

بقايا *** 23

محمد عمران موجب صدر بازار پرسان مسافر ڪوچ ۽ ڪار تي هٿياربندن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا ۽ 3 زخمي ٿي پيا. ڊي پي او ٻڌايو ته حملي آورن پارا چنار کان پشاور ويندڙ ٻن گاڏين کي نشانو بڻايو فائرنگ ۾ هڪ گاڏي جو ڊرائيور، ٻه سيڪيورٽي اهلڪار ۽ هڪ عورت مارجي وئي. سندس چوڻ هو ته جوابدارن جي گرفتاري جون ڪوششون جاري آهن ۽ علائقي ۾ سيڪيورٽي وڌائي وئي آهي.

بقايا *** 24

ڪانپوءِ روس وڏي انگ ۾ ڊرون استعمال ڪندو آهي. رپورٽن ۾ ٻڌايو ويو آهي ته روس ۽ يوڪرين ٻئي ملڪ جنگي سامان جو انگ وڌائي رهيا آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب روسي ڊپٽي وزيراعظم چيو آهي ته 32500 ڊرونز جي تياري موجوده پروڊڪشن کان ٿيڻ تي آهي. هن چيو ته ان قومي پراجيڪٽ ۾ 7.66 ارب ڊالرن جي فنانسنگ ڪئي ويندي ۽ ان حوالي سان وڌيڪ تفصيل هلندڙ مهيني سامهون آندا ويندا.

بقايا *** 25

جو نشانو بڻائي ڇڏيو. واقعي جا سي سي ٽي وي فوٽيج منظر تي اچي ويا. جڏهن ته هوٽل مالڪ پوليس اهلڪارن خلاف ڊي آءِ جي آپريشنز کي درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي. درخواست ۾ ٻڌايو ويو ته پوليس ملازم شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي هوٽل آيا ۽ بيف ڪڙاهي ڏيڻ جو چيو. هوٽل ملازم پئسا گهريا ته اهي ڪاوڙ ۾ اچي ويا ۽ ڪيس پوليس وين ۾ وجهي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون به ڏيندا رهيا. هوٽل ملازم جو چوڻ آهي ته مون سان پوليس اهلڪارن وڏي زيادتي ڪئي آهي. انصاف ڏنو وڃي.

بقايا *** 26

کي 6 مهينا اڳ طلاق ٿي هئي ۽ تيزاب جو شڪار ٿيل عورت جو اڳوڻو نياڻو ڪيس 6 مهينن کان ڌمڪيون ڏئي رهيو هو. پوليس جو چوڻ آهي ته ٻن نقاب پوش ماڻهن گهر ۾ داخل ٿي عورت تي تيزاب اڇلايو. جڏهن ته عورت جي ڌيءَ واش روم ۾ لڪي جان بچائي ورتي. تيزاب گردي سبب پيرسن عورت سڙي اجل جو شڪار بڻجي وئي.

بقايا *** 27

ٻڌايو ته مختلف ملڪن مان ڪورونا وائرس جا نوان ڪيسز سامهون اچڻ کان پوءِ نيشنل ڪمانڊ اينڊ آپريشن سينٽر (اين سي او سي) ڪراچي جي هدايتن تي پرڏيهه کان ملڪ ايندڙ مسافرن جي ٽيسٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جنهن ۾ وڌيڪ ٻن مسافرن ۾ ڪورونا وائرس جي سڃاڻپ ٿي آهي. ترجمان موجب قمرشهدادڪوٽ جو رهواسي 20 ورهين جو مسافر گذريل ڏينهن شارجه کان ڪراچي پهتو هو ٻئي مسافر جو تعلق پنجاب جي علائقي مظفر ڳڙهه سان آهي. مظفر ڳڙهه جو رهواسي 27 ورهين جو مسافرجده کان ڪراچي پهتو هو. ترجمان ٻڌايو ته بنهي مريضن ۾ امڪاني نشانين کي نظر ۾ رکندي ريپڊ اينٽيجن ٽيسٽ ڪيا ويا جيڪي مثبت آيا. جي اين وي جي جاچ

جي لاءِ بنهي مريضن جا نمونا ڊائو يونيورسٽي جي ليبارٽري ڏانهن روانا ڪيا ويا آهن. بنهي مسافرن کي سختي سان ڪورنٽائن جي هدايت سان گڏ گهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو آهي. صحت کاتي موجب ليبارٽري ٽيسٽ جي رپورٽ اچڻ کان پوءِ ڪورونا جي قسم جي باري ۾ خبر پئجي سگهندي. ياد رهي ته ان کان اڳ به پرڏيهه مان ايندڙ ٻن مسافرن ۾ امڪاني ڪورونا وائرس جي سڃاڻپ ٿي هئي. جڏهن ته ليبارٽري ٽيسٽ جي رپورٽ ڇهن کان پنجن ڏينهن ۾ ملندي آهي.

بقايا *** 28

سڃاڻپ ٿي آهي. صحت کاتي سنڌ جي ترجمان ٻڌايو ته مختلف ملڪن مان ڪورونا وائرس جا نوان ڪيسز سامهون اچڻ کان پوءِ نيشنل ڪمانڊ اينڊ آپريشن سينٽر (اين سي او سي) ڪراچي جي هدايتن تي پرڏيهه کان ملڪ ايندڙ مسافرن جي ٽيسٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو هو جنهن ۾ وڌيڪ ٻن مسافرن ۾ ڪورونا وائرس جي سڃاڻپ ٿي آهي. ترجمان موجب قمرشهدادڪوٽ جو رهواسي 20 ورهين جو مسافر گذريل ڏينهن شارجه کان ڪراچي پهتو هو ٻئي مسافر جو تعلق پنجاب جي علائقي مظفر ڳڙهه سان آهي. مظفر ڳڙهه جو رهواسي 27 ورهين جو مسافرجده کان ڪراچي پهتو هو. ترجمان ٻڌايو ته بنهي مريضن ۾ امڪاني نشانين کي نظر ۾ رکندي ريپڊ اينٽيجن ٽيسٽ ڪيا ويا جيڪي مثبت آيا. جي اين وي جي جاچ جي لاءِ بنهي مريضن جا نمونا ڊائو يونيورسٽي جي ليبارٽري ڏانهن روانا ڪيا ويا آهن. بنهي مسافرن کي سختي سان ڪورنٽائن جي هدايت سان گڏ گهرن ڏانهن روانو ڪيو ويو آهي. صحت کاتي موجب ليبارٽري ٽيسٽ جي رپورٽ اچڻ کان پوءِ ڪورونا جي قسم جي باري ۾ خبر پئجي سگهندي. ياد رهي ته ان کان اڳ به پرڏيهه مان ايندڙ ٻن مسافرن ۾ امڪاني ڪورونا وائرس جي سڃاڻپ ٿي هئي. جڏهن ته ليبارٽري ٽيسٽ جي رپورٽ ڇهن کان پنجن ڏينهن ۾ ملندي آهي.

بقايا *** 29

طارق نديم رٽرننگ آفيسر جو فيصلو بحال رکندي اين اي 129 تان حماد اظهر جي اپيل رد ڪري ڇڏي. ان کان علاوه لاهور هاءِ ڪورٽ جي اپيليٽ ٽربيونل صنم جاويد جا تڪ اين اي 119 ۽ 120 تان نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف داخل ڪيل اپيلون رد ڪري ڇڏيون. ياد رهي ته صنم جاويد جيل مان چونڊون وڙهڻ جو اعلان ڪندي اين اي 119 ۽ 120 تان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. هن مريم نواز جي مقابلي ۾ چونڊ وڙهڻ جو اعلان ڪيو هو

بقايا *** 30

حڪومت پهرين نومبر کان گيس جي قيمتن ۾ تقريبن 200 سيڪڙو تائين واڌ ڪئي هئي جنهن جي ڪري صارفين کي ڳرا بل وصول ٿي رهيا آهن. گيس جي قيمتن ۾ تازي واڌ شهرين جي پريشانين ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو آهي. نومبر ۾ قيمتن ۾ 200 سيڪڙو واڌ کان پوءِ رڪارڊ وڏيل بل ڏسي عوام جون رڙيون نڪري ويون. صارفين چيو آهي ته گذريل مهينن ۽ سال جي نسبت بلن ۾ تمام گهڻو فرق آيو آهي. صارفين جو چوڻ آهي ته پهريان بجلي جي قيمتن زندگي مشڪل ڪري رکي هئي هاڻ رهيل ڪسر گيس جي بلن پوري ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 31

ڪان پوءِ مٺائيون ورهايون ويون . آل سنڌ ايجوڪيشن لوئر اسٽاف جي صدر منظور اڙو ، ذوالفقار ٿهيم . محمد اظهر . عارف خان ٻين نگران صوبائي وزير تعليم رعنا حسين . تعليم ڪاتي واري سيڪريٽري شيرين ناريجو ، ڊائريڪٽر سڪينڊري ايجوڪيشن ڪراچي يار محمد بالادي ٻين اعلي آفيسرن جا شڪرگذار آهيون ته جن لوئر اسٽاف ڪلاس فور جي 397 ملازمن کي اڳين گريڊ 11 ۾ ترقيون ڏنيون آهن آل سنڌ ايجوڪيشن لوئر اسٽاف جي صدر منظور اڙو ٻين چيو ته تعليم ڪاتي جي نگران وزير ، سيڪريٽري تعليم سنڌ . ڊائريڪٽر سڪينڊري اسڪول ڪراچي جا تعليم ڪاتي جي لوئر اسٽاف جي لاءِ خوش آئنده قدم آهن جو انهن لوئر اسٽاف ڪلاس فور جي ملازمن کي اڳين گريڊ ۾ ترقيون ڏئي آفيسن ۾ ڪلارڪ اسٽاف جو درجو ڏنو هنن جا چيو ته اسان جون ترقيون . سالن کان رهيل هيون جيڪا نگران حڪومت ۾ ڪيون ويون آهن جنهن جا اسان ٿورائتا آهيون لوئر اسٽاف جي ملازمن طرفان ترقيون ملڻ کان پوءِ خوشي ۾ مٺايون ورهايون ويون ۽ ڊائريڪٽر تعليم جي دفتر سميت تعليم ڪاتي جي مختلف آفيسن ۾ ميرٽ تي ترقيون ڏيڻ جا بينر هڻا ويا. ڪان پوءِ مٺائيون ورهايون ويون . آل سنڌ ايجوڪيشن لوئر اسٽاف

جي صدر منظور اڙو . ذوالفقار ٿهيم . محمد اظهر . عارف خان ٻين نگران صوبائي وزير تعليم رعنا حسين . تعليم ڪاتي واري سيڪريٽري شيرين ناريجو ، ڊائريڪٽر سڪينڊري ايجوڪيشن ڪراچي يار محمد بالادي ٻين اعلي آفيسرن جا شڪرگذار آهيون ته جن لوئر اسٽاف ڪلاس فور جي 397 ملازمن کي اڳين گريڊ 11 ۾ ترقيون ڏنيون آهن آل سنڌ ايجوڪيشن لوئر اسٽاف جي صدر منظور اڙو ٻين چيو ته تعليم ڪاتي جي نگران وزير ، سيڪريٽري تعليم سنڌ . ڊائريڪٽر سڪينڊري اسڪول ڪراچي جا تعليم ڪاتي جي لوئر اسٽاف جي لاءِ خوش آئنده قدم آهن جو انهن لوئر اسٽاف ڪلاس فور جي ملازمن کي اڳين گريڊ ۾ ترقيون ڏئي آفيسن ۾ ڪلارڪ اسٽاف جو درجو ڏنو هنن جا چيو ته اسان جون ترقيون . سالن کان رهيل هيون جيڪا نگران حڪومت ۾ ڪيون ويون آهن جنهن جا اسان ٿورائتا آهيون لوئر اسٽاف جي ملازمن طرفان ترقيون ملڻ کان پوءِ خوشي ۾ مٺايون ورهايون ويون ۽ ڊائريڪٽر تعليم جي دفتر سميت تعليم ڪاتي جي مختلف آفيسن ۾ ميرٽ تي ترقيون ڏيڻ جا بينر هڻا ويا.

بقايا *** 32

جاري ڪري ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب چونڊ تڪن جي حساب سان شروعاتي پولنگ اسٽيشنن جي لسٽ شايع ڪئي وئي آهي. شروعاتي پولنگ لسٽ تي تڪ جو ووٽر ۽ اميدوار اعتراض يا تجويز 11 جنوري تائين جمع ڪرائي سگهي ٿو ترجمان موجب 12 کان 17 جنوري جي دوران ڊي آر اوز اهڙن اعتراضن ۽ تجويزن تي فيصلو ڏيندا. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان چيو ته شروعاتي فهرستن تي داخل ڪيل اعتراضن تي فيصلن کان پوءِ پولنگ اسٽيشنن جي حتمي فهرست عام چونڊن کان 15 ڏينهن جاري ڪئي ويندي. ياد رهي ته ملڪ ۾ 8 فيبروري تي چونڊون منعقد ٿينديون. عام چونڊن لاءِ اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن مختلف سياسي پارٽين طرفان پنهنجن اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪرڻ جو سلسلو به جاري آهي. جاري ڪري ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب چونڊ تڪن جي حساب سان شروعاتي پولنگ اسٽيشنن جي لسٽ شايع ڪئي وئي آهي. شروعاتي پولنگ لسٽ تي تڪ جو ووٽر ۽ اميدوار اعتراض يا تجويز 11 جنوري تائين جمع ڪرائي سگهي ٿو ترجمان موجب 12 کان 17 جنوري جي دوران ڊي آر اوز اهڙن اعتراضن ۽ تجويزن تي فيصلو ڏيندا. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان چيو ته شروعاتي فهرستن تي داخل ڪيل اعتراضن تي فيصلن کان پوءِ پولنگ اسٽيشنن جي حتمي فهرست عام چونڊن کان 15 ڏينهن جاري ڪئي ويندي. ياد رهي ته ملڪ ۾ 8 فيبروري تي چونڊون منعقد ٿينديون. عام چونڊن لاءِ اميدوارن طرفان نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا ويا آهن مختلف سياسي پارٽين طرفان پنهنجن اميدوارن کي پارٽي ٽڪيٽ جاري ڪرڻ جو سلسلو به جاري آهي.

بقايا *** 33

تائين پهتو. وفاقي حڪومت جو مقامي قرض 40 هزار 956 ارب روپين تي پهچي ويو جڏهن ته وفاقي حڪومت جو پرڏيهي قرض وڌي 22 هزار 434 ارب روپيا رهيو مرڪزي حڪومت جي قرض ۾ هي اضافو نومبر 2022ع کان نومبر 2023ع دوران ٿيو هلندڙ مالي سال جي شروعاتي 5 مهينا (جولاءِ کان نومبر 2023ع) جي دوران وفاقي حڪومت جو قرض 2 هزار 549 ارب روپيا وڌيو اڪٽومبر جي مقابلي ۾ 2023ع ۾ وفاقي حڪومت جي قرض ۾ 907 ارب روپيا جو اضافو ٿيو اسٽيٽ بينڪ پاران جاري ڪيل دستاويز مطابق نومبر 2022ع ۾ وفاقي حڪومت جو قرض 50 هزار 959 ارب روپيا هو جڏهن ته جون 2023ع ۾ وفاقي حڪومت جي قرضن جو هجم 60 هزار 841 روپيا هو تائين پهتو. وفاقي حڪومت جو مقامي قرض 40 هزار 956 ارب روپين تي پهچي ويو جڏهن ته وفاقي حڪومت جو پرڏيهي قرض وڌي 22 هزار 434 ارب روپيا رهيو مرڪزي حڪومت جي قرض ۾ هي اضافو نومبر 2022ع کان نومبر 2023ع دوران ٿيو هلندڙ مالي سال جي شروعاتي 5 مهينا (جولاءِ کان نومبر 2023ع) جي دوران وفاقي حڪومت جو قرض 2 هزار 549 ارب روپيا وڌيو اڪٽومبر جي مقابلي ۾ 2023ع ۾ وفاقي حڪومت جي قرض ۾ 907 ارب روپيا جو اضافو ٿيو اسٽيٽ بينڪ پاران جاري ڪيل دستاويز مطابق نومبر 2022ع ۾ وفاقي حڪومت جو قرض 50 هزار 959 ارب روپيا هو جڏهن ته جون 2023ع ۾ وفاقي حڪومت جي قرضن جو هجم 60 هزار 841 روپيا هو

بقايا سنڌيار 01

ڇڏي آهي انهي موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ميڊم زيب عثمان جو چوڻ هو ته رٽرننگ آفيسر پ پ پارٽي پارن ڌر بڻجي ڪوڙا اعتراض واري سندس فارم رد ڪيو آهي ۽ کين اميد آهي ته سنڌ هائي ڪورٽ اليڪشن ٽربيونل پاران سندن فارم بحال ڪيو ويندو ڇوته آر او پيپلز پارٽي جي هر معاملي ۾ ڀرپور مدد ڪري رهيو آهي. ان موقعي تي پي ٽي آئي لٽي جي سينيئر نائب صدر آصف راڄڙ چيو ته مان ۽ منهنجي ماءُ هميشه پنهنجي پيءُ جي پيروي ڪئي آهي ۽ انشاالله سندن قائد عمران خان پاڪستان جو تقدير بدلائي ڇڏيندو

بقايا سنڌيار 02

جي پٽن سان آجيان ڪئي. جنهن تي ويرم خان مهر چيو ڪالوني ۽ مهر برادري جو پيار ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. پر هن علائقي جي هي خراب حالت ڏسي ڏک به ٿيو آهي. ڇو جو اسان جا علائقا ۽ اسان جا ماڻهو هن جديد دور ۾ به بنيادي سهولتن کان محروم آهن افسوس جي ڳالهه آهي. ڪر نه ٿيندا ته پوءِ آخر ماڻهو ڪهڙي پاسي وڃن. اسانکي ڏک ٿيندو آهي جڏهن ڪو ماڻهو بنيادي سهولتن جي ڪرت بابت ڏانهن ڪندا آهن. صحت جي مرڪز ۽ اسڪول نه هجڻ جون شڪايت ڪندا آهن. قدرتي وسيلن سان سنڌ مالا مال آهي پوءِ به سنڌ جا ماڻهو بيروزگاري ۽ بدحالي ۾ جڪڙيل آهن. عوام ۽ برادري جو اهڙي طرح ساٿ رهيو ته جلد ڏکيا ڏينهن ختم ٿي ويندا. جنهن ۾ علائقي جي معززين ۽ محمد شريف مهر، ممتازعلي مهر،محمد يوسف مهر، احسان علي مهر، توفيق علي مهر جن شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 03

ڪارڪن جو پارٽي ۾ ڪو به قدر ناهي. جنهن سبب پاڻ پارٽي جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيندي هڪ ڪارڪن جي حيثيت ۾ رهنداسين هن چيو ته ڪاش محترم پاڻ سان گڏ اسان کي به وٺيون وڃي ها ته اڄ هي ڏينهن نه ڏسڻا پون ها. اسان جون پارٽي لاءِ قربانيون ڏنل آهن پر ٽڪيٽون جيڪي ڪلهه پارٽي ۾ آيا آهن انهن کي ڏنيون ويون آهن هن پنهنجي بيان ۾ پنهنجي پارٽي جي ٽڪيٽ هولڊر کي هائبرڊ جو لقب پڻ ڏنو جڏهن ته سوشل ميڊيا تي اهڙو بيان وائرل ٿيڻ ڪانپوءِ جتي ماڻهون سندس جي حوصلو رکڻ جي لاءِ صلاح ڏئي رهيان آهن ته اتي سخت تنقيد جو نشانو ۾ پڻ بڻائي رهيا آهن ڪجهه ماڻهن مٿس تنقيد ڪندي پوسٽ تي ڪمينٽ ڪيا آهن ته توهان جي سڃاڻپ پيپلز پارٽي آهي توهان سابقه ٽائون چيئرمين موجوده ضلعي ڪائونسل ميمبر پارٽي عهديدار هوندي به ايتري پوک ناهي پوکي جو پارٽي کان بغير توهان آزاد هڪ ڪائونسلري به نه پيا کٽي سگهو اگر توهان ۾ دم آهي ته توهان آزاد مقابلو ڪري ڏيکاريو ٻئي طرف پارٽي تعلقه قيادت طرفان هنگامي اجلاس گهرائي قافلي جي صورت ۾ سندس جي رهائش گاهه تي فيصلو واپس وٺڻ لاءِ ويا پر کين تعلقه صدر پارٽي مرڪزي قيادت سان ڳالهين جو چئي واپس ڪري ڇڏيو کين چوڻ هيو ته ڪجهه خدشا آهن اگر پارٽي قيادت حل ڪندي ته ڳالهيون ڪنداسين

بقايا سنڌيار 04

احتجاج ۾ شامل صحافين شهزاد تاباڻي، جاويد جتوئي، سليم سهتو، عمر سومرو، سحرش ڪوڪر،شوڪت راهي، جلال الدين پيهو، فاروق سومرو، جواد شاهه، جاويد گهنجو ، يار محمد سومرو، فقير مشتاق منگريو، قاضي ضياء الرحمان، ناصر جعفري،فضل الرحمان قريشي ،آصف مهر، صلاح الدين سميجو، بابر ڪوڪر،نعيم غوري، سجاد سنجراڻي، جي ايم شيخ، اورنگزيب ماڪن انس ملڪ،عقيل قريشي، عامر شيخ، اصغر علي عباسي، شاهه ولي، اسلم ڏايو ۽ ٻيا شامل هئا ان موقعي تي آصف ظهيرلوڌي ۽ ٻين چيو ته افسوس جو مقام آهي ته سنڌ حڪومت پنهنجي واعدن کي وفا نه ڪيو آهي جان محمد شهيد جا قاتل اڃان تائين آزاد آهن جنهن لاءِ صحافي ان وقت تائين خاموش نه ويهندا جيستائين قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي احتجاجي سلسلي کي وڌائيندي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سنڌ ايڪشن ڪاميٽي جي سنڌ تي 13 جنوري تي سکر پريس ڪلب ۾ ٿيندڙ سنڌ جرنلسٽ ڪنوينشن جون تياريون جاري آهن جنهن ۾ تحريڪ کي وڌائڻ لاءِ اهم اعلان ڪيو ويندو ڪنوينشن ۾ شرڪت لاءِ سڄي سنڌ مان صحافين کي دعوتون ڏجن ٿيون جيستائين قاتل قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿا آندا وڃن احتجاجي تحريڪ ختم نه ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 05

ڪئي. سگهڙن ڏوربيت ۽ بي شاعري ٻڌائي، فنڪار سرو ڪيري واهه واهه ڪرائي ڇڏي. سالگره جي پروگرام اسان جي خوشي جو ڏينهن مچ ڪچهري باک ڦٽي تائين جاري رهي، مچ ڪچهري سنڌ جي ثقافت آهي پروگرام مان لطف اندوز ٿياسين. ميان اظهر علي عباسي ۽ ٻيا. ڪنڌيارو ويجهو ڳوٺ سعيدو باغ ۾ عباسي ڪلهوڙا ڪچهري گروپ جي طرفان گروپ جي سالگره جو پروگرام وڏيرو عبدالوهاب عباسي جي اوطاق تي ڪيڪ ڪاٽيو ويو ان خوشي جي موقعي تي سنڌ جي ثقافت مچ ڪچهري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ وڏيرو عبدالوهاب عباسي، ميان اظهر عباسي استاد اڪبر علي عباسي ديدار حسين عباسي فقير عبداللطيف عباسي وڏيرو عبدالوهاب عباسي محمد اسحاق عباسي، محمد نواز عباسي عبداللطيف عباسي، آياز وڏيرو اصغر علي عباسي، وڏيرو عبدالوهاب عباسي محمد سليم عباسي، عبدالسميع عباسي عامر عباسي رياض احمد عباسي وڏيرو عبدالوهاب عباسي وڏيرو هدايت الله ڪلهوڙو استاد فداحسين عباسي عامر علي، رئيس غلام مصطفي، پنهل عباسي. نويد يوسف، الطاف احمد . شوڪت علي، عبدالقدير .وڏيرو عبدالوهاب عباسي اسرار احمد، حاجي دين محمد سڌير احمد . علي بخش . ساجن علي، غلام ڪمبير، ممتاز علي، سميت سنڌ جي مختلف شهرن کان لاڙڪاڻو سکر حيدرآباد گهوٽڪي پنوعاقل ميروخان رتوديرو ڳمبٽ نوشهروفيروز، ڪنڌيارو، سگهڻون، صدر جو پٽيون، سميت مختلف شهرن کان ڪلهوڙا برادري جي مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مچ ڪچهري ۾ سنڌ جي ناليواري سگهڙن ڏور بيت، وايون ۽ بي شاعري ٻڌائي واهه واهه ڪرائي ڇڏي جڏهن ته فنڪارن قومي گيت توڙي صوفياڻي شاعري ڳائي ڪچهري موجود مهمانن کي جهومائي ڇڏيو جڏهن ته سالگره جو پروگرام ۽ مچ ڪچهري بنا ڪنهن وقفي جي صبح جي باک ڦٽڻ تائين جاري رهيو ان موقعي تي آيل مهمانن جو چوڻ هو ته اڄ اسان جي خوشي جو ڏينهن آهي ۽ مچ ڪچهري سنڌ ثقافت آهي جنهن ٻارڙن توڙي نوجوانن کي بهتر تربيت ملي ٿي هنن چيو ته مچ ڪچهري جي پروگرام مان تمام گهڻا لطف اندوز ٿيا آهيون.

بقايا سنڌيار 06

زرعي ڏڪار واري صورتحال پيدا ٿي وئي آهي . پاڻي جي کيترن سالن کان شديد ڪوٽ رهي آهي . زراعت سنڌ ۽ پاڪستان جي ڪرنگهي جي هڏي جو ڪردار ادا ڪري ٿي . زراعت جي ترقي لاءِ نگران وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي عملي طور اپاءُ وٺڻ جي ضرورت آهي . سنڌ ۾ زراعت کي قدرتي آفتن برساتن جي ڪري تمام گهڻو نقصان رسيو آهي . لکين ايڪڙ زرعي زمين سمنڊ کاهي رهيو آهي . سمنڊ تيزي سان هزارين ايڪڙ زمين پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏي آهي . سمنڊ جي کاري پاڻي زمين کي فصلن کان محروم ڪري بنجر ڪري ڇڏيو آهي ته وري پاڻي جي ڪوٽ زرعي اپت کي نقصان رسايو آهي . ڀاڻ جي ڪوٽ ڪاڻ ڀاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ . اگهن ۾ هٿرادو واڌ سان آبادگارن کي پوکائي ڪرڻ ۾ سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن جنهن جي ڪري ان جو نگران وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کي نوٽيس وٺڻ گهرجي . ڪنوينشن کي سنڌ آبادگار بورڊ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر ذوالفقار يوسفاڻي مخاطب ٿيندي چيو ته سنڌ جي زرعي اپت مان سرڪار کي اربين روپيين جا ٽيڪس ملن ٿا . جنهن ۾ سنڌ جي زراعت مان حاصل ٿيندڙ چانور . ڪپهه . زرعي جنسون ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ اميورٽ ذريعي ملڪ جي معيشت لاءِ فائديمند آهن جنهن جي ڪري سنڌ جي زراعت کي ٿيندڙ نقصان ملڪ جي معيشت لاءِ نقصان جو سبب آهي . جنهن ۾ زراعت کي ترقي ڏيارڻ لاءِ عملي اپاءُ وٺڻ جي ضرورت آهي . ڪنوينشن کي سنڌ آبادگار بورڊ جي مرڪزي سينئر نائب صدر ڊاڪٽر بشير نظاماڻي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي آبادگارن لاءِ هر دور ۾ سنڌ آبادگار بورڊ جي طرفان حقن جي حاصلات لاءِ عملي طور آواز اٿاريو ويو آهي . هاڻي به سنڌ جي آبادگارن جي اڪيلي سر آبادگار بورڊ سنڌ ۽ پاڪستان ۾ آبادگارن جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ حڪمرانن کي مسئلن کان آگاهي ڏني آهي . سنڌ جي اندر پاڻي جي ڪوٽ . زرعي ڀاڻ سميت بنيادي مسئلن جي حل لاءِ جدوجهد ڪئي وڃي پئي . ڪنوينشن کي مرڪزي اڳواڻ سيد نديم شاهه . ميجر محمد عمر فاروق . عمران بوزدار . عبدالحفيظ نظاماڻي . پير احمد سعيد جان سرهندي . ڊاڪٽر احمد توناري ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي نگران وفاقي ۽ صوبائي سرڪار کان سنڌ جي آبادگارن جا بنيادي مسئلا حل ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي . ڪنوينشن ۾ ضلعي ٽنڊو محمد خان لاءِ صدر عبدالحفيظ عبدالجليل نظاماڻي ،نائب صدر شاهجهان عباسي . جنرل سيڪريٽري نظام الدين جڳسي . خزانچي شبير ميمڻ ۽ انفارميشن سيڪريٽري عبدالحفيظ سليو کي چونڊيو ويو . انهي موقعي تي سنڌ جي آبادگارن لاءِ پوري حياتي ارپي ڇڏيندڙ آبادگار بورڊ جي اڳوڻي مرڪزي صدر مرحوم عبدالمجيد نظاماڻي جي وفات سلسلي ۾ ايصال ثواب لاءِ اجتماعي دعا جي رسم ادا ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 07

اٿو. جوائنٽ سيڪريٽري ارشاد آرائين. خزانچي عبدالخالق سومرو. ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي جي ميمبرن رحيم بخش جمالي، آغا اسرار پٺاڻ، اياز منگي، زاهد تون، عبدالرشيد چاهڙ، عبدالحڪيم جتوئي ۽ ٻين کي مبارڪباد ڏيندي نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ذوهيرخان ڊريهو، تاج ٻرڙو، فهيم سومرو ۽ ٻيا گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 08

ٻڌايو ته 6 مهينا اڳ نوجوان حسنين قريشي پيار جو پرڻو ڪيو هو جيڪو ڪراچي رهندو هو اڄ ڪراچي مان پهتو آهي ته سندس گولين لڳل لاش ڳوٺ نوازيو پاڻ رتان هٿ آيو آهي معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون جڏهن ته رابطو ڪرڻ تي مقامي صحافي تنوير قريشي ٻڌايو ته منهنجو ڀائٽيو ڪراچي رهندو هو جيڪو ڪراچي مان اڄ واپس آيو جنهن جو لاش هٿ آيو آهي واقعي جي ڪا خبر پئجي نه سگهي آهي.

بقايا سنڌيار 09

زخمي، هڪ ڌر جا نصير احمد ولد عبدالستار سولنگي، سڪندر علي ولد سچل سولنگي، محمد جمن ولد قيصر خان سولنگي، ٻئي ڌر جا ياسب ولد شوڪت علي سولنگي، علي گل ولد محمد آدم سولنگي، عجيب ولد رجب علي سولنگي زخمي، زخمين کي وارهه اسپتال آندو ويو جتي کين فرسٽ ايڊ ڏيڻ بعد لاڙڪاڻو ريفر ڪيو پوليس موجب معمولي ڳالهه تان وڙهيا آهن ٻنهي ڌرين جا ٻه ڄڻا گرفتار ڪيا آهن وڌيڪ جاچ ڪري رهيان آهيون جڏهن ته آخري اطلاع تائين واقعي جو ڪيس وغيره داخل ناهي ٿي سگهيو

بقايا سنڌيار 10

جي اڳواڻي ۾ مختلفن ٿاڻن جي پوليس ملاح برادري جي گهرن ۾ ڪاهي پئي چوري جو سامان نه ملڻ بعد واپس روانگي عورتن ۽ پوليس وچ ۾ چڪريون محلي جي عورتن ٿاڻي اڳيان احتجاج ڪندي چيو پوليس بنا وارنٽ جي اسان جي گهرن ۾ داخل ٿي اسان جي چادر چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو آهي اسان جي ننڍڙن نيگرن کي پوليس پڻ ڏينهن کان مارڪٽ ڪري رهي آهي اسان ڪورٽ سگهوري کان مطالبو ٿا ڪريون پوليس خلاف ڪاروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 11

۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ سياسي سماجي اڳواڻن، مٽن مائٽن ۽ دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازو کڄڻ وقت ويجها عزيز ٽائون ملازم ۽ دوست اوچنگارون ڏئي روئندا رهيا. خير محمد مستوئي جي تدفين سيد وفقير لڳ ٻچاءُ بند ڪئي پئي وڃي. جنازي نماز ۾ پي پي اڳواڻ امجد علي چانڊيو، علي گل خاصخيلي، انور پٺاڻ، لالا حسن پٺاڻ، نويد علي مستوئي، راحد بخش مستوئي، خالد چانڊيو، آفتاب احمد مستوئي، منظور ملڪ شوڪت ملڪ ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ٻئي طرف مرحوم جي پٽن جنيد علي، فهيم، دانش ۽ ٻين سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 12

چانڊيو عرفان علي جوکيو، جاويد علي جانوري، نور محمد سولنگي، غلام قادر سومرو، منورعلي سولنگي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته سنڌ جي گذريل حڪومت استادن جي ڀرتين ۾ هارڊ ايريا جو جواز ڄاڻائي پنهنجا نوازي ڪندي 33 کان به گهٽ مارڪون کڻندڙ اميدوارن کي گريس مارڪون ڏئي استاد طور ڀرتي ڪيا هئا . جڏهن ته اسان 33 کان 39 مارڪون کڻندڙ مسلسل ٻن سالن کان سراپا احتجاج بڻيل آهيون پر اسان کي حق نه پيو ڏنو وڃي هنن سنڌ جي نگران وزيري اعلي کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته فوري طور تي نوٽيس وٺي Pst ۽Jest جي ڀرتين تان پابندي هٽائي هڪ سنڌ هڪ پاليسي“ ۽ برابري جي بنياد تي پوري سنڌ جي اميدوارن کي 33 مارڪن تي پاس ڪري سنڌ جا بند پيل هزارين اسڪول کولي جوائنٽ آرڊر جاري ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 13

ڪري ورتو . جنهن جي بعد جسقم جي ڪارڪنن گرفتاري خلاف مردن عورتن احتجاجي جلوس ڪڍي پريس ڪلب آڏو مظاهرو ڪيو . احتجاج دوران جسقم جي اڳواڻ سڪندر سنڌي . عبدالرزاق خاصخيلي ۽ ٻين چيو ته بي سيڪشن پوليس جسقم جي ڪارڪن راجيش ناڪر کي بنا جواز گرفتار ڪري سندس خلاف منشيات جو من گهڙت ڪيس داخل ڪيو آهي . گرفتار ڪيل ڪارڪن کي تشدد جو نشانو بڻايو ويو آهي . جنهن کي فوري طور آزاد نه ڪيو ويو ته احتجاج جاري رکنداسين . هوڏانهن بي سيڪشن ٿاڻي جي پوليس جو چوڻ آهي پوليس گشت دوران جوابدار راجيش ناڪر کان وڏي مقدار ۾ مين پوڙي گٽڪو برآمد ڪري سندس گرفتاري عمل ۾ آڻڻ بعد ايف آءِ آر داخل ڪري ورتي آهي .

بقايا سنڌيار 14

وٺي حاظرن کي خطاب ڪندي فقر عبدالرحمـ محمدا طاهر چيو ته حضرت ابوبڪر صديق جي زندگ قامت تائين لاءِ انسانن ۽ مسلمانن لاءِ بهترين هدات جو نمونو آهي سندن جي دين اسلام لاءِ ڏنل جاني ۽ مالي قربانن کي همشهاد رکو ويندو سندن جي نبي پاڪ سان ڪيل محبت جو دنيا ۾ ڪوئي مثال به ڪونه ملي سگهندواج جي دور ۾ سندن جي دور خلافت کي مدنظر رکي اگر حڪمراني ڪئي وڃي ته اسانجو معاشرو هر مسئلا کان پاڪ بڄ ويندو

بقايا سنڌيار 15

پاڻ چيو ته جي يو آئي قيادت طرفان دعوت ڏيڻ تي ٿورائتو آهيان ۽ اڄ کانپوءِ اسان مولانا فضل الرحمان ۽ راشدمحمود سومرو سان گڏجي ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪنداسين.هن چيو ته شڪارپور ۾ سرڪاري ملازمن کي بليڪ ميل ڪيو پيو وڃي. شڪارپور منشيات جو گڙهه بڻائڻ ۾ شڪارپور جي سياستدان جو هٿ آهي.هن چيو ته ماڻهو پ پ کان بيزار ٿي چڪا آهن متو مٽي تي مقابلو ڪندس.راشدمحمود سومرو پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي چيو ته جتوئي پائرن جي شموليت کان پوءِ هاڻي آغا تيمور جي اچڻ سان جي يو آئي کي وڌيڪ قوت ملي آهي. ۽ رڳو ڏينهن انتظار ڪيو پي ۽ وڏي سرپرائز ڏيندس.شڪارپور ۾ سيني سيٽن تي ڪلين سوئيپ ڪنداسين اگر هن دفعي توهان اسان جو ووٽ چوري ڪيو ته وزيراعلي هائوس تي 10 لک ماڻهون گڏ ڪري وزيراعلي سميت ڪنهن به ميمبر کي حلف کڻڻ نه ڏينداسين. هن چيو ته مان نه انتظار ۾ هيم نه جيڪي شڪارپور جا ماڻهون پ پ جي خلاف ڳلا ڦاڙي رڙيون ڪندا هئا ته اهي ڪرپٽ آهن. سنڌ جا دشمن آهن شايد اهي زرداري، بلاول ۽ فريال ٽالپر جي مقابلي ۾ فارم ڀريندا پر افسوس ڪرسي جي بک لاءِ آهي ئي ساڳيا پ پ جي جهول ۾ وڃي ڪريا. اسان جو موقف شروع کان وٺي اڄ تائين سنڌ دشمن پارٽي خلاف هڪ ئي آهي ته انهن کان هاڻي سنڌ آزاد ڪرائڻي آهي. جي يو آءِ هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي پوءِ اها ڪرونا جي صورت ۾ هجي، يا سيلاب جي صورت ۾ هجي گهر گهر تائين پهچي سنڌ جي ماروئڙن جي سار سنڀال لهڻ لاءِ ميدان عمل ۾ هئاسين. علامه راشدمحمود سومرو چيو ته آغا تيمور خان هاڻي جي يو آئي جو حصو آهي کيس ڀليڪار چئون ٿا.علامه راشد محمود سومرو وڌيڪ چيو ته سنڌ جي بقا لاءِ اسان روز اول کان جدوجهد ڪري رهيا آهيون. جيستائين تائين سنڌ کي واڳن جي هٿان آزاد نه ڪرائيندا سون تيستائين جدوجهد جاري رکي ويندي آخر ۾ علامه راشد محمود سومرو چيو ته مان انهن ماڻهن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته توهان مولانا فضل الرحمان جي خلاف نازيبا الفاظ استعمال نه ڪيو ته توهان جا ئي ماڻهون توهان جو آنڊن ۽ ٽماٽن سان استقبال ڪندا. ان موقعي تي پريس ڪانفرنس جي تقريب ۾ صوبائي نائب امير مولانا سيد سراج احمد شاهه امروٽي،مولانا عبدالباري شيخ، علامه ناصر محمود سومرو، ڊاڪٽر محمد ابراهيم جتوئي، مير شاهزين خان بجاراڻي. آغا سيد محمد ايوب شاهه،امير بخش عرف ميرمهر، ڊاڪٽر غلام عباس عرف پيرو خان چاچڙ،مير شفيق احمد ڪوسو، مولانا عبد مهر، مفتي سعود افضل هاليجوي،حافظ ربنواز چاچڙ، حافظ رفيق احمد شر، مولانا محمد طيب ميکو،مولانا غلام مهر، مولانا تاج محمد مهر ۽ ٻيا موجود هئا

بقايا سنڌيار 16

کي محفوظ جڳهن تي منتقل ڪري ڇڏيو آهي ,کيترن ڏينهن کان جاري ڪوهيڙي جي ٿڌ سبب سيپڪو سب ڊويزن نئون ديرو جي طرفان مختلف فيڊرن کي بند ڪري ڇڏيو آهي ,جنهن سبب اسٽريٽ ڪرائيم جي وڌڻ جا به خدشا پيدا ٿي ويا آهن.

بقايا سنڌيار 17

تنظيمن اڳواڻن سميت سوين شهري شريڪ. تدفين. نوجوان جي قتل جو اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال پهچايو وڌيڪ جاچ جاري آ. پوليس پوليس ڪاروائي ڪري شڪ جي بنياد تي عورت سميت چار ڄڻا گرفتار ڪري ورتا. ڪيس داخل نه ٿي سگهيو. خبر موجب گذريل رات دير سان ناروشاهه پرسان نوشهروفيروز لنڪ روڊ تي واقع ڳوٺ نوازيو پاڻ وٽ 6 مهينا اڳ پيار جو پرڻو ڪندڙ نوجوان حسنين قريشي کي نامعلوم جوابدار گولين هڻي فرار ٿي ويا جڏهن ته اطلاع ملڻ تي ناروشاهه پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ناروشاهه رورل هيلٿ سينٽر تي پهچايو جڏهن ته اسپتال ۾ موجود مقتول نوجوان جي چاچي صحافي تنوير قريشي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڀائٽيو ڪراچي ۾ رهندو هو جيڪو ڳوٺ آيل هو جنهن کي نامعلوم هٿيار بند گولي هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن نوجوان ڪراچي ۾ نجي ڪمپني ۾ ملازمت ڪندڙ هو. جڏهن ته ايس ايڇ او ناروشاهه غلام شبير دلواڻي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته نوجوان جي لاش هٿ اچڻ جو اطلاع ملڻ تي واقعي واري هنڌ پهچي لاش پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ ناروشاهه اسپتال پهچايو آهي معلوم ٿيو آهي ته قتل ٿيل نوجوان پاران ڪجهه مهينا اڳ پنهنجي رشتيدار اقبال قريشي جي ڌيءُ سان پيار پرڻو ڪيو هو جنهن تي ڪيس ناروشاهه اچڻ تي پابندي لڳل هئي وڌيڪ معاملي جي هر رخ کان جاچ ڪري رهيا آهيون جلد جوابدار گرفتار ڪيا ويندا جڏهن ته ايس ايس پي نوشهروفيروز سهائي عزيز ٽالپر اسپتال پهچي معاملي جي جاچ ورتي ۽ جوابدار جلد گرفتار ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا جڏهن ته ناروشاهه پوليس ڪاروائي ڪندي شڪ جي بنياد تي مقتول جو سهرو اقبال قريشي، احسن، محسن قريشي سميت هڪ عورت کي گرفتار ڪري گهر ۾ بيٺل موٽر سائيڪل تحويل ۾ وٺي ڇڏي آهي جڏهن ته الزام هيٺ آيل اقبال قريشي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو شادي بعد قرآن تي نوجوان سميت ڌيءُ سان سڀ معاملا ختم ڪري واسطو ختم ڪري ڇڏيا هئا اسان ڪيس سان منهن ڏيندا سين جڏهن ته خبر لکڻ وقت تائين واقعي جو ڪرو ڪيس وغيرا داخل نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته پوسٽ مارٽم بعد لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو نوجوان جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي صحافي اڳواڻ شاهد راڄپر، اڳوڻي وائيس چيئرمين راناعاشق راجپوت، رانا وقار، سجاد قريشي، رانا جبار راجپوت، شهزاد خانزاده سميت سوين شهرين شرڪت ڪئي جڏهن ته نوجوان کي سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 18

آجيانو ڏنو ويو اجيائي ۾ 10 کان مٿي مختلف ڳوٺن حاجي ستار ڏنو ٿنيو جلال دين ٿنيو سهراب ٿنيو عبدالله ٿنيو جي معززين ۽ سوين ڳوٺائن شرڪت ڪري پ پ پ اميدوار سيد حسن علي شاهه جو ڀرپوراستقبال ڪيو ان موقعي تي جي ڊي اي اڳواڻ خرم خان ٿنيو جي ڊي اي کي الوداع ڪري برادري سميت پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪندي اليڪشن ۾ ڀرپور تعاون جو يقين ڏيارو ان موقعي تي پ پ اميدوار سيد حسن علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي جنهن هميشه غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي انشاالله ڪامياب ٿي اڳ کان وڌيڪ علائقي جي عوام جي ڀرپور خدمت ڪندا سين جڏهن ميان محمد اجمل ٿنيو ۽ معززين پاران آيل اميدوار جو گلن جي ورکاءُ سان استقبال ڪري سنڌ جي سنڌ جي سوکڙي اجرڪ جو تحفو ڏنو ويو

بقايا سنڌيار 19

منگي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو محفل ۾ ويٺل ماڻهن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو تفصيل موجب. خيرپور ناٿن شاهه نيشنل پريس ڪلب طرفان هر سال جيان هن سال به مچ ڪچهري اسان جي ڪچهري جي عنوان هيٺ منعقد ڪئي وئي مچ ڪچهري ۾ سنڌ جي پلوڙ فنڪار ضامن علي،ءَ رفيق منگي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو محفل ۾ ويٺل ماڻهن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو مچ ڪچهري ۾ آيل مهمانن ۾ پيپلز پارٽي اڳواڻ ڊاڪٽر اسدخان لغاري، سيد صابر علي شاهه، سيد مجاهد علي شاهه. سيد اظهر حسين، سردار عمران حسن بلوچ، شاهنواز چانڊيو، سماجي شخصيت ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي ميمبر بابو عبدالرحمن چانڊيو، محمد سليم پنهور، فقير علي حسن جانوري، ممتاز علي ڪوسو، ايس ايڇ او سعيد احمد چنه.ايس ايڇ او گوزو عبدالله جويو،ڊاڪٽر دمساز علي ببر،رئيس امداد علي گاڏهي، ممتاز ملاح، پنهل خان ببر، ذوالفقار علي جتوئي، خالد حسين جتوئي، برڪت علي چانڊيو . شفيق الزمان لغاري سميت سياسي، سماجي صحافين ۽ شهرين پڻ وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي آخر ۾ نيشنل پريس ڪلب جي ٽيم پاران آيل مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 20

مشتاق بڙدي کي قتل واري واقعي ۾ استعمال ٿيل ڪهاڙي سميت گرفتار ڪري ورتو جنهن ڪانپوءِ ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه جي حڪم تي ڊي ايس پي سٽي آغا عبدالمجيد، سٽي ٿاڻي جي ايس ايڇ او عزيز ڪوسو پريس ڪانفرنس ذريعي قتل ڪيس جي مک جوابدار مشتاق بڙدي جي گرفتاري ظاهر ڪري قتل واري واقعي ۾ استعمال ٿيل ڪهاڙي کي به ظاهر ڪيو،ءِ پريس ڪانفرنس ۾ ٻڌايو ته جوابدار مشتاق بڙدي قتل ٿي ويل درويش صفت نوجوان کان 2 هزار روپيه قر ڪئي هئي جنهن دوران کيس ڪهاڙيون هڻي قتل پڻ ڪيو هو . جنهن جو پوليس وٽ جوابدار اعتراف ڪيو آهي . پوليس واقعي جي 4 ڏينهن کان جانچ ڪري رهي آهي . ڪجهه ماڻهن کي حراست ۾ ورتو هو جنهن ۾ جوابدار جي نشاندهي بعد وڌيڪ حراست ۾ ورتل ماڻهن کي ڇڏيو ويو آهي . پريس ڪانفرنس دوران صحافين آڏو جوابدار مشتاق بڙدي پڻ قتل جو اعتراف ڪيو . واقعي بابت قتل ٿي ويل درويش صفت نوجوان عبدالقادر سومرو جي ننڍي ڀاءُ معشوق سومرو جي فرياد تي پوليس سٽي ٿاڻي ايف آءِ آر پڻ داخل ڪري ورتي آهي

بقايا سنڌيار 21

سجاد حسين چنا ۽ درگاهه جي متولي فقير علي حسن چنا جي صدارت ۾ ٿي گذريو جنهن ۾ چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو حاجي عبدالخالق پتو ،سيد سڪندر علي شاهه راشدي،عبداللطيف ڪرٽيو ،سينيئر صحافي استاد رحمت الله موريو سينيئر صحافي ارشاد يلي ميراڻي سميت وڏي انگ ۾ ميلا ڪاميٽي جي ميمبرن شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪوڏي ،ڪوڏي راند جي اڳواڻ منظوراحمد پتو خاص طور تي ميٽنگ ۾ شرڪت ڪئي . ميٽنگ ۾ ڳالهائيندي سجاد حسين چنا چيو آهي هن پيري عرس تقريبون 06 ڏينهن جاري رهنديون جنهن ۾ هر سال جيان ملڪ مقابلا به ٿيندا ۽ پهريون ڀيرو ڪوڏي ڪوڏي جا مقابلا عرس تقريب ۾ منعقد ٿيندا هن پيري عرس تقريبن ۾ نوان آندي وئي آهي جيڪي شهري ,علائقي واسي لطف اندوز ٿين.جڏهن ته لکي ايراني سرڪس لاءِ ڪوشش ڪئي پئي وڃي انهن سان رابطا جاري آهن ڪوڏي ڪوڏي راند جي اڳواڻ منظور احمد پتو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي مختلف شهرن مان درگاهه پير شهيد گهرڳهل شاهه جي ميلي ۾ سٺا ڪوڏي ڪوڏي راند جا پهلوان گهرايا ويندا ان سلسلي ۾ ميلا ڪاميٽي جي اڳواڻن سان معاملا طئي ڪيا ويا آهن ان موقعي تي عبداللطيف ڪرٽيو،حاجي عبدالخالق پتو،حاجي راحب پتو به ميلي جي حوالي سان صحافين سان ڳالهه ٻولهه ڪئي.

بقايا سنڌيار 22

کيترائي سال گذرڻ باوجود مڪمل ٿي نه سگهيو، عملو گهر ويٺي پگهارون کڻڻ لڳو. انتظاميه کي تحرڪ نه رهواسين جون دانهون. انصاف جو مطالبو ان سلسلي ۾ سونڊا لڳ ڪينجهر بند ڪناري سونهري ڳوٺ جي کيترن ئي رهواسين حبيب الله گندرو، جليل گندرو، خليل اسماعيل، علي، بشير گندرو ۽ ٻين دانهيندي چيو آهي ته سندن 5 هزار آبادي واري ڳوٺ جو پرائمري بوائز توڙي گرلس اسڪول ڪافي وقت کان بند هجڻ ڪري سندن ٻارڙا تعليم کان محروم ٿيڻ سميت سندن ڳوٺ ۾ قائم صحت مرڪز ۾ ڪافي وقت کان بند هجڻ ڪري ڳوٺاڻا علاج جي سهوليتن کان محروم بڻيل آهن، حبيب الله گندرو ۽ ٻين وڌيڪ چيو ته سندن ڳوٺ ۾ منظور ٿيل مڊل اسڪول توڙي پرائمري اسڪول جي بلڊنگس جو تعميراتي ڪم به رولڙي جو شڪار بڻيل آهي. ان ڪانسواءِ سندن ڳوٺ جو روڊ به ٺهي ناهي سگهيو ۽ نه ئي واٽر سپلاءِ کين ڪو لاڀ ڏئي سگهي آهي. مڊل اسڪول جو ڪم به سست رفتاري سان پيو هلي. هنن گهر ڪئي ته فورن بند ٿيل سندن ڳوٺ جو گرلس پرائمري ۽ بوائز اسڪولن کي کولرائي ٻارڙن کي تعليم ڏياري سندن مستقبل سنواري رولڙي جو شڪار بڻيل اسڪول توڙي اسپتال سميت مڊل اسڪول ۽ روڊ جو ڪم مڪمل ڪرائي، گهوسڙو عملي خلاف ڪاروائي ڪري ڳوٺاڻن کي پريشاني کان بچايو وڃي، ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 23

۽ ٻين ڪارڪنن پاران نيشنل پريس ڪلب بدين اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ ٽنڊو غلام علي ٿاڻي تي مقرر ايس ايڇ او حاڪم جلباڻي اسان جي ڪارڪن حنيف جاٽ تي منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو هو جنهن جي انڪوائري لاءِ اڳوڻي ايس ايس پي قمر رضا جسڪاڻي کي درخواست ڏني هئي جنهن تان ايس ايڇ او ٽنڊو غلام علي مڇرجي پيو ۽ اسان جي ضلعي صدر امام ڏنو عرف راجا خواجا تي ٽنڊو غلام ٿاڻي تي منشيات جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ اسان نئين آيل ايس ايس پي مير روحل کوسو کي به انڪوائري جي درخواست ڏني آهي جنهن 5 ڏينهن اندر انڪوائري جو يقين ڏياريو آهي هنن چيو ته اسان هميشه منشيات جي روڪٿام لاءِ جدوجهد ڪئي آهي رري منشيات ڪوڙا ڪيس به اسان جي ڪارڪنن تي داخل ڪري پريشان ڪيو وڃي ٿو ان حوالي سان اسين ايس ايس پي بدين کان اهو مطالبو ٿا ڪريون ته هڪ هفتي اندر صاف شفاف انڪوائري ڪري ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي ۽ ايس ايڇ او خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي نه ته ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 24

ڪا، جنهن جي حل لاءِ جدوجهد جي ميدان تي آهيون. فهد پيرو ۽ ٻين چيو ته سول اسپتال ٺٽو جي ملازمن سان به ناانصافيون ٿي رهيون آهن، جيڪي هرگز برداشت نه ڪيون وينديون. هنن سول اسپتال مڪلي جي ايڪا يونٽ اڳواڻن سان گڏ ساٿ نڀائڻ جو واعدو ڪندي اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته فورن سول اسپتال مڪلي جا سمورا جائز مسئلا حل ڪري ملازمن کي پريشاني کان بچائڻ سميت ڊي سي آفيس ٺٽو جي اڪائونٽنٽ ۽ اسٽيبلشمينٽ برانچن ۾ لوئر اسٽاف جي ملازمن جا جائز مسئلا به حل ٿي ناهن سگهيا جيڪي حل ڪرائي ملازمن ۾ ڦهليل بيچيني دور ڪئي وڃي

بقايا سنڌيار 25

گڏ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي وڏي مچ جي چوگرد گڏ ويهي ڳوٺاڻي روايتن کي هنن سڃاڳ عورتن نئون جنم ڏيئي پنهنجي ثقافت ٻولي ۽ ڌرتي سان محبتن جا انوکا اظهار ڪندي سماج کي اهو پڻ پيغام ڏنو ته هاڻي سنڌ جون عورتون سڃاڳ ٿي چڪيون آهن ۽ اهي پنهنجي حقن سان گڏ ڌرتي جو دفاع ڪندي مردن سان هر قدم گڏ هلڻ کان ڪڏهن ڪونه ڪيٻائينديون پروگرام پڄاڻي ۾ راڳ رنگ جي محفل ٿي جنهن ۾ مختلف فنڪارن پاران سر ورکا ڪري مچ ڪچهري ۾ موجود عورتن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو تفصيل موجب بدين ۾ هر سال جيان هن سال به عورتاڻي تنظيم سورمي سٿ جي سهڪار سان عورتاڻي مچ ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سورمي سٿ جي چيئر پرسن ماروي عابده سمون سينئر نائب صدر ادي شهناز راهو عوامي تحريڪ جي نظير قريشي ساجد قاضي صدف ڪيريو ساجد قاضي نورجهان بلوچ صدف وڙائچ آمنا ناز ۽ غلام ٽبي ڪيريو نثار ناز سميت اسلام آباد ڪراچي سانگهڙ حيدرآباد ڄام شورو ٽنڊو محمد خان کان آيل هن مچ ڪچهري ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته عورتاڻي مچ ڪچهري ۾ عباس فائونڊيشن جي فائونڊر طرفان. سخت سردي کان بچڻ لاءِ گرم ۽ نارمل طور استعمال ٿيندڙ 100 سئو جوڙا ڪپڙن جا غريب ۽ مستحق ٻارڙن ۾ ورهايا جڏهن ته مچ ڪچهري ۾ شرڪت ڪندڙ سڄاڻ عورتن پنهنجي تقريرن ۾ ڳالهائيندي چيو ته عورتاڻي تنظيم سورمي سٿ جي سهڪار سان عورتاڻي مچ ڪچهري منعقد ڪرڻ جو مقصد صرف اهو ئي آهي ته جتي مردن طرفان اوطاقن تي مچ ڪچهريون ڪيون وڃن ته اهڙي عورتن کي اهو اعزاز حاصل هجڻ گهرجي ته هو اهڙيون مچ ڪچهريون منعقد ڪري پنهنجي ڀيڻن امڙين سان ميل ميلاپ جو سلسلو رکي پنهنجي خوبصورت خيالن جو اظهار ڪري سگهن جنهن سان نه رڳو عورتن ۾ نه ويڇهڙائپ جو سلسلو پيدا ٿي سگهي ان سان گڏ سنڌ جي ثقافت به اجاگر ڪري، سگهجي ٿي عورتاڻي مچ ڪچهري ۾ ريڊيو ٽي وي جي نالي وارن فنڪارن سيد اڪبر شاهه بالاچ حيدري ۽ لوڪ گيتن ۾ مهارت رکندڙ فضا گروپ طرفان مچ ڪچهري ۾ سهرا ۽ ٻيا گيت ڳائي عورتن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو پروگرام جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙ بدين سميت مختلف ضلعن کان آيل مهمان عورتاڻي مچ ڪچهري منعقد ڪرڻ تي عورت تنظيم جي اڳواڻ ميڊم ماروي عابده سمون ۽ سندس ٽيم کي مبارڪ باد ڏني

بقايا سنڌيار 26

کي سنڌ جي ناليواري تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو مخاطب ٿيندي چيو ته قديم اولائي انسان جي تاريخ جو تسلسل سنڌ جي قديم آڳاٽي تاريخ ۾ ان جا آثار ملڻ ۽ تهذيب تمدن جو ذڪر سنڌ کي اعزاز حاصل آهي . جنهن ۾ سنڌ دنيا جي کيترن ئي لاتعداد ملڪن مان هڪ الڳ پنهنجي سڃاڻپ رکي آهي . سنڌ جي هزارين سالن جي قديم آڳاٽي تاريخ جا آثار دنيا جي اندر تمام گهٽ ملڪن ۾ موجود آهن جنهن مان سنڌ جي موهن جي دڙي کان وٺي هڙاپا ، ڪارونجهر جي آثارن جو تاريخي سلسلو آهي جنهن ۾ ترجي مٽي سان ان جي مون شروعات ڪري تاريخ کي پنهنجي قلمي پورهيي سان محفوظ ڪرڻ جو قومي ادبي ڪردار ادا ڪيو آهي . مون جيڪو به قلمي پورهيو ڪيو آهي اهو پنهنجو فرض سمجهي ادا ڪيو آهي . منهنجي محمد بخش نالي مان مشڪور جو تخلص سنڌ جي هارين لاءِ ڪليڪٽري جي عهدي کي ڇڏي پاڻ کي هاري انقلاب جو حصو بڻائيندڙ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مون کي تخلص ڏنو جنهن جي ڪري سڄي سنڌ ۾ مشڪور نالي سان منهنجي سڃاڻپ آهي جيڪا سڃاڻپ منهنجو اعزاز آهي . پنهنجي لکڻين ۾ مون تاريخ کي محدود رکڻ سان گڏ سنڌ جي قومي ڪاز لاءِ لکيو آهي . حياتي جي آخري پساهه تائين اها جنگ جاري رکندس . تقريب کي سنڌ جي تاريخدان حڪيم محمد يوسف ڪتري خطاب ڪندي چيو ته سنڌ صدين کان خوشحال آباد رهي آهي . تاريخ جو وڏو لازوال مثال آهي جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ هزارين سالن جي تاريخ جو محور آهي . دنيا ۾ سنڌ جي تاريخ جو جيڪو مثال ملي ٿو ان جي اڄان تائين ڪا ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي . سنڌ جتي هزارين سال اڳ انساني حياتي ۾ ترقي جو تصور ڏنو . اهو اڄ جي جديد دور جو حصو آهي . تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو پنهنجي قلمي پورهيي کي سفر جي ذريعي عملي طور پنهنجي ڪتابن ۾ لکڻين ذريعي ان کي محفوظ رکي تمام گهڻي ڄاڻ کان سنڌ جي نوجوان نسل کي آگاهي ڏني آهي . تقريب کي علم و ادب اڪيڊمي جي سرپرست اعليٰ سيد فتح علي شاهه شمسي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اولائي دور ۾ جيڪا پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي آهي . ان دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي تاريخ ۾ سمورا تاريخي ورق سنڌ جي سڃاڻپ آهن . سنڌ صدين کان پنهنجي تاريخ کي غلامي جي زنجيرن مان نجات ڏياري محفوظ ڪرڻ لاءِ عظيم قربانين جو مثال قائم ڪيو آهي . سنڌ تي ڌارين جي حملن سان سنڌ جي تاريخ متاثر ٿي آهي . سنڌ جا کيترائي اثاثا حملن ۾ ضايع ٿيا آهن پر قدرتي وسيلن جي اڻ لپ خزانن جو سنڌ ۾ جبل ، دريا، سمنڊ ، ڪوٽلي ۽ تاريخي جاين ان کي جياپي ۾ شامل رکيو آهي . تاريخدان مشڪور قلڪارو سنڌ جو اهڙو اڏول هيرو آهي جيڪو اسان کي اڻ لپ قومي هيرن ۾ شامل آهي . جنهن کي اسان کي سندس حياتي ۾ مڃتا جو اعزاز ڏئي رهيا آهيون . تقريب کي ٽنڊو محمد خان جي اڳوڻي ضلعي نائب ناظم پير اشفاق جان سرهندي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تاريخ هزارين سالن جي طويل ورقن جو اهڙو محور آهي جنهن پوري دنيا کي حيرت ۽ اچرج ۾ آڻي ڇڏيو آهي سنڌ جي ڏاهي پورهيت توڙي تعليمي قابليت جي معمار عالمن سنڌ جي تاريخ کي ڪتابن ۾ محفوظ ڪيو آهي . مشڪور قلڪارو به سنڌ جو اڏول ليک آهي جنهن تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۾ پنهنجو بهترين قومي ڪردار ڪيو آهي . تقريب کي شاعر نوشاد پٽي ، علم و ادب اڪيڊمي جو صدر عبدالغفور ڪنڀار ،ليڊيز ونگ جي جنرل سيڪريٽري حنا زهري ، شاعر محمد جمن جانب سومرو ، ضامن شاهه ، جسقم اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ، سيد ممتاز شاهه ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، ۽ ٻين خطاب ڪندي تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو جي تاريخي خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو. تقريب جي آخر ۾ لوڪ فنڪارن قومي گيت ڳائي داد حاصل ڪيو . جڏهن ته انهي موقعي تي تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو کي علم و ادب اڪيڊمي طرفان سندس عظيم ادبي خدمتن تي تاحيات ايوارڊ جو اعزاز ۽ سنڌي پٽڪو پارايو ويو.

بقايا سنڌيار 27

مهم جو آغاز سن کان شروع ڪري ڇڏيو سائين جي ايم سيد جي درياءُ واري بنگلي تي سيد خاندان جي ميزباني هيٺ پارٽي ڪارڪنن همدردن راڄن جي چڱن مڙسن مختلف سياسي سماجي ڌرين جو گڏيل ڪٺ ٿي گذريو جنهن ۾ ضلع ڄامشورو جي قومي سيٽ اين اي 226 ۽ پي ايس 78 مانجهند ڪوٽڙي جي اميدوار سيد منير حيدر شاهه پي ايس 77 سيوهڻ تي اميدوار روشن علي برڙو کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ صلاح مشورا ڪندي کين ڀرپور انداز ۾ ڪامياب ڪرڻ جو وچن ڪيو ويو ڪٽ ۾ سن مانجهند خانوٽ منظورآباد آئوپور آمري لڪي شاهه صدر سميت ننڍن وڏن ڳوٺن جي چڱن مڙسن گهر گهر ورڪ ڪندي جي ڊي اي اميدوارن کي ڪامياب ڪرڻ جو وچن ورجايو ويو ان موقعي تي اين اي 226 ۽ پي ايس 78 جي اميدوار سيد منير حيدر شاهه خطاب ڪندي چيوته 8 فيبروري تي ظالم سان مهاڏو اٽڪائڻو آهي ظلم،جبر ڏاڍ خلاف سڄي سنڌ ۾ متحد ٿي ڪرپٽ مافيا سان مقابلو ڪرڻو آهي نوجوان زرداري مافيا خلاف همٿ سان مقابلي ۾ اچن ايس يو پي جي سينئر نائب صدر روشن علي برڙو چيوته مانجهند تعلقي وارن هميشه سيد خاندان سان نڀايو آهي پيپلز پارٽي وطن دشمن جماعت آهي هي عوام کين هرگز ووٽ نه ڪندو ايندڙ حڪومت جي ڊي اي جي هوندي ان موقعي تي سائين جي ايم سيد جي پوٽن سيد بدرالزمان شاهه ڊاڪٽر سيد ضياء شاهه ايس يو پي ضلع صدر خدا بخش ٿيبو لطيف پهنور امام الدين ڇچر يوسف عمراڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 28

ڪندي . گرفتار ڪيل جوابدار پوليس وٽ پنهنجو ڏوهه قبول ڪري ورتو آهي . پوليس سندس اعتراف واري ڏنل بيان سان گڏ قتل واري واقعي ۾ استعمال ٿيل ڪهاڙي کي شاهدي طور محفوظ ڪري پاڻ وٽ رکيو آهي. ياد رهي ته 6 ڏينهن اڳ درويش صفت نوجوان عبدالقادر سومرو جو ڪهاڙين جي وار ڪري بيدردي سان قتل ڪيو ويو هو.

بقايا سنڌيار 29

جي اڳواڻي ۾ ڪندي چيو ته هو ابن ڏاڏن کان سرڪاري پڊي تي ڳوٺ آباد ڪري رهائش پذير آهن. پر اتان جي مقامي زميندارن امير پليجو ۽ ٻين سندن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي. هنن الزام هڻندي چيو ته بااثر زميندار امير پليجو ۽ ٻين طرفان سندن گهر ڊاهي کين ڳوٺ مان لڏائڻ چاهي ٿو جنهن ٻوڏ دوران سرڪار طرفان ڍهي ويل گهرن جي لاءِ مليل رقم مان هنن هڪ گهر جي اڏاوت ڪئي جيڪا پڻ ڊاهي پٽ ڪري کين لڏي وڃڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. هنن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته نوٽيس وٺي کين انصاف فراهم ڪري کين بيدخل ٿيڻ کان بچائي کين پريشان ڪندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو. هوڏانهن سنڌ ملاح فورم جي اڳواڻن ڏاڏا آدم گندرو، محمد ايوب ملاح، محمدخان ملاح، عبدالڪريم الهبخش ميراڻي، عرس گندرو، عيدو ميربحر ۽ ٻين ڳجولڳ ڳوٺ علي ميربحر جي رهواسين سان بااثر ماڻهن پاران ڪيل زيادتين واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته هو ملاح برادري سان ڪا به ناانصافي برداشت نه ڪندا. بااثر زميندارن ملاحن سان ٿيندڙ ناانصافين جو ازالو نه ڪيو ته سخت احتجاج ڪيو ويندو. هنن پڻ متاثر ملاحن سان انصاف ڪري ساڻن ٿيل زيادتين جو ازالو ڪرڻ جي گهر ڪئي.

بقايا سنڌيار 30

پنهل جمالي ، ضلعي صدر ايوب ڪوريجو پريس ڪانفرنس ذريعي عوام دوست آزاد اميدوار پير احمد سعيد جان سرهندي جي موجودگي ۾ سندس حمايت جو اعلان ڪيو ۽ چيو ته ٽنڊو محمد خان سنڌ جي تعليم ، صحت ، پيئڻ جي صاف پاڻي . روڊن رستن جي زبون حالت ۾ پٺ تي پيل اهڙو علائقو آهي جنهن ۾ 15 سالن جي دوري اقتدار ۾ پيپلز پارٽي علائقي جي عوام کان ووٽ وٺي کين اٽي لٽي اجهي لاءِ پريشان ڪري صرف کين منشيات جو عادي بڻايو آهي . اڳوڻا ايم اين اي ۽ ايم پي اي ناڪام اميدوار ثابت ٿي چڪا آهن جنهن جي ڪري هاڻي پي ايس 66 تي آزاد اميدوار پير احمد سعيد جان سرهندي جي حمايت سان گڏ سڄي سنڌ ۾ پ پ مخالفن عوام دوست اميدوارن کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ووٽ وٺڻ جي جاڳرتا مهم شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي . آزاد اميدوار پير احمد سعيد جان سرهندي سنڌ جي سمورين قومپرست پارٽين جي پ پ مخالف اتحاد قائم ڪرڻ ۽ سندن حمايت کي سنڌ جي عوام لاءِ فائديمند قرار ڏنو آهي. ان موقعي تي ڪوريجا . پرهياڙ برادري ۽ ٻين برادرين طرفان پهريون ڀيرو پ پ مخالف اميدوارن کي ووٽ ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 31

تي پاس ڪرڻ جو مطالبو رپورٽ موجب 2021 ۾ آئي بي اي پاران ورتل ماستري جي ٽيسٽ ۾ PST ۽JEST ۾ 33 کان 39 سيڪڙو مارڪون کڻندڙ بدين ضلعي جي اميدوارن جي وڏي انگ نور حسين کوسو، شعيب پرڳڙي، بلاول پٺاڻ ۽ رابيندر شرما جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوباگو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي چيو ته گذريل پ پ جي حڪومت ۾ تعليم کاتي جي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم ٻٽي پاليسي قائم ڪري پنهنجي منپسند علائقن کي هارڊ ايريا ڄاڻائي 33 سيڪڙو تي پاس ڪري آفر آرڊر جاري ڪيا. ٻي طرف آئي بي اي پاران پيپرن ۾ ڄاڻي واڻي غلطيون ڪيون ويون هيون. جيڪي منظر عام تي اچڻ کان پوءِ به گريس مارڪون نه ڏنيون ويون. گريس مارڪون صرف هارڊ ايريا ڄاڻايل علائقن جي اميدوارن کي ڏنيون ويون. هنن چيو ته سنڌ ۾ راڄ ڪندڙ پيپلزپارٽي جي اڳوڻي حڪومت جي وزيرن سافٽ ايريا ڄاڻائي سوين نوجوانن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو آهي. اميدوارن چيو ته استادن جي کوٽ سبب بدين سميت سڄي سنڌ ۾ اڄان به سوين اسڪول بند پيل آهن. اميدوارن چيو ته اڍائي سالن کان لڳاتار سراپا احتجاج بڻيل آهيون. پر سنڌ حڪومت جي اکين تي ڪاري پٽي ٻڌل ۽ ڪنن ۾ ڪپهه پيل آهي. جنهن ڪري اڄ ڏينهن تائين سنڌ حڪومت اسان جي مطالبن تي غور ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هنن چيف جسٽس آف سنڌ هاءِ ڪورٽ، نگران وزير اعلي سنڌ ۽ تعليم واري نگران وزير سميت ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ٻٽي پاليسي ختم ڪري سڄي سنڌ جي نوجوانن کي 33 سيڪڙو تي پاس ڪري ميرٽ لسٽ ۾ شامل ڪري آفر آرڊر ڏنا وڃن.

بقايا سنڌيار 32

آهي نگران گهرو وزير سان ڳالهايان ٿو خانپور تعلقي جو امن امان اسان جي پهرين ترجيح آهي . جي يو آءِ ۾ شامل ٿين پيا جن جو ڪو نظريو ئي نه آهي جي يو آءِ جا ڪارڪن به اسان کي ووٽ ڏيندا پ پ ڪامياب ٿي حڪومت ٺاهيندي تفصيل موجب اڳوڻي صوبائي وزير امتياز احمد شيخ خانپور ۾ پ پ جي اليڪشن ڪئمپ آفيس جو افتتاح ڪيو ۽خانپور پريس ڪلب رجسٽرڊ جي چونڊيل عهديدارن کي مبارڪباد ڏيڻ لاءِ خانپور پريس ڪلب پهتو ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي امتياز احمد شيخ چيو ته اسان ڪارڪردگيءَ جي بنياد تي ووٽ وٺنداسين , خانپور ۾ ڊگري ڪاليج ڏنو آهي پيور بلاڪ جون اسڪيمون ڏنيون آهن. ڊرينيج جون اسڪيمون ڏنيون آهن هر چوڪ تي بجلي جا ٽرانسفارمر ڏنا آهن. گرڊ اسٽيشن منظور ڪرايا آهن هر وقت ٽڪ ۽ خانپور جي عوام سان رابطي ۾ آهيون ٽڪ جي عوام جي خدمت ڪئي آهي ۽ بنا تفريق جي ڪندا رهنداسين خانپور جي علائقي ۾ امن امان لاءِ پوليس جي آپريشن جي لاءِ نگران هوم منسٽر سان ڳالهايان ٿو امن امان جي حالت تمام گهڻي خراب آهي خانپور تعلقي ۾ امن امان کي برقرار رکڻ اسان جي پهرين ترجيح آهي آغا تيمور خان جي يو آءِ ۾ شموليت بابت امتياز احمد شيخ جوچوڻ هو ته جنهن جو نظريو هڪٻئي سان نه ٿو ملي اهي انهن پارٽين ۾ شامل پيا ٿين پر ٿيندو ڪجهه به نه انهن اڳ به پ پ سان مقابلو ڪيو هو فتح وري به پ پ اميدوارن جي ٿيندي جي يو آءِ جن کي ٽڪيٽون ڏنيون آهن انهن کي ڏسي ڪري جي يو آءِ جا ووٽر به اسان کي ئي ووٽ ڪندا اقتدار ۾ اچي خانپور شڪارپور جي عوام جي وڌيڪ خدمت ڪنداسين. ان موقعي تي ظفر شيخ، لالاخالدحسين هڪڙو، پ پ خانپور اڳواڻ پيرخان محمد نوحاڻي، بهادر علي برڙو محسن سيڏار، بدرالدين برڙو، محمد يعقوب آرائين ، فداحسين سومرو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ان کان اڳ اڳوڻي صوبائي وزيرامتياز احمد شيخ خانپور ۾ لطف شاهه چوڪ تي چوڌري محمد يعقوب آرائين جي جڳهه تي پيپلز پارٽي جي اليڪشن ڪيمپ آفيس جو افتتاح پڻ ڪيو

بقايا سنڌيار 33

کي سنڌ جي ناليواري تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو مخاطب ٿيندي چيو ته قديم اولائي انسان جي تاريخ جو تسلسل سنڌ جي قديم آڳاٽي تاريخ ۾ ان جا آثار ملڻ ۽ تهذيب تمدن جو ذڪر سنڌ کي اعزاز حاصل آهي . جنهن ۾ سنڌ دنيا جي کيترن ئي لاتعداد ملڪن مان هڪ الڳ پنهنجي سڃاڻپ رکي آهي . سنڌ جي هزارين سالن جي قديم آڳاٽي تاريخ جا آثار دنيا جي اندر تمام گهٽ ملڪن ۾ موجود آهن جنهن مان سنڌ جي موهن جي دڙي کان وٺي هڙاپا ، ڪارونجهر جي آثارن جو تاريخي سلسلو آهي جنهن ۾ ترجي مٽي سان ان جي مون شروعات ڪري تاريخ کي پنهنجي قلمي پورهيي سان محفوظ ڪرڻ جو قومي ادبي ڪردار ادا ڪيو آهي . مون جيڪو به قلمي پورهيو ڪيو آهي اهو پنهنجو فرض سمجهي ادا ڪيو آهي . منهنجي محمد بخش نالي مان مشڪور جو تخلص سنڌ جي هارين لاءِ ڪليڪٽري جي عهدي کي ڇڏي پاڻ کي هاري انقلاب جو حصو بڻائيندڙ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مون کي تخلص ڏنو جنهن جي ڪري سڄي سنڌ ۾ مشڪور نالي سان منهنجي سڃاڻپ آهي جيڪا سڃاڻپ منهنجو اعزاز آهي . پنهنجي لکڻين ۾ مون تاريخ کي محدود رکڻ سان گڏ سنڌ جي قومي ڪاز لاءِ لکيو آهي . حياتي جي آخري پساهه تائين اها جنگ جاري رکندس . تقريب کي سنڌ جي تاريخدان حڪيم محمد يوسف ڪتري خطاب ڪندي چيو ته سنڌ صدين کان خوشحال آباد رهي آهي . تاريخ جو وڏو لازوال مثال آهي جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ هزارين سالن جي تاريخ جو محور آهي . دنيا ۾ سنڌ جي تاريخ جو جيڪو مثال ملي ٿو ان جي اڄان تائين ڪا ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي . سنڌ جتي هزارين سال اڳ انساني حياتي ۾ ترقي جو تصور ڏنو . اهو اڄ جي جديد دور جو حصو آهي . تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو پنهنجي قلمي پورهيي کي سفر جي ذريعي عملي طور پنهنجي ڪتابن ۾ لکڻين ذريعي ان کي محفوظ رکي تمام گهڻي ڄاڻ کان سنڌ جي نوجوان نسل کي آگاهي ڏني آهي . تقريب کي علم و ادب اڪيڊمي جي سرپرست اعليٰ سيد فتح علي شاهه شمسي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اولائي دور ۾ جيڪا پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي آهي . ان دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي تاريخ ۾ سمورا تاريخي ورق سنڌ جي سڃاڻپ آهن . سنڌ صدين کان پنهنجي تاريخ کي غلامي جي زنجيرن مان نجات ڏياري محفوظ ڪرڻ لاءِ عظيم قربانين جو مثال قائم ڪيو آهي . سنڌ تي ڌارين جي حملن سان سنڌ جي تاريخ متاثر ٿي آهي . سنڌ جا کيترائي اثاثا حملن ۾ ضايع ٿيا آهن پر قدرتي وسيلن جي اڻ لپ خزانن جو سنڌ ۾ جبل ، دريا، سمنڊ ، ڪوٽلي ۽ تاريخي جاين ان کي جياپي ۾ شامل رکيو آهي . تاريخدان مشڪور قلڪارو سنڌ جو اهڙو اڏول هيرو آهي جيڪو اسان کي اڻ لپ قومي هيرن ۾ شامل آهي . جنهن کي اسان کي سندس حياتي ۾ مڃتا جو اعزاز ڏئي رهيا آهيون . تقريب کي ٽنڊو محمد خان جي اڳوڻي ضلعي نائب ناظم پير اشفاق جان سرهندي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تاريخ هزارين سالن جي طويل ورقن جو اهڙو محور آهي جنهن پوري دنيا کي حيرت ۽ اچرج ۾ آڻي ڇڏيو آهي سنڌ جي ڏاهي پورهيت توڙي تعليمي قابليت جي معمار عالمن سنڌ جي تاريخ کي ڪتابن ۾ محفوظ ڪيو آهي . مشڪور قلڪارو به سنڌ جو اڏول ليک آهي جنهن تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۾ پنهنجو بهترين قومي ڪردار ڪيو آهي . تقريب کي شاعر نوشاد پٽي ، علم و ادب اڪيڊمي جو صدر عبدالغفور ڪنڀار ،ليڊيز ونگ جي جنرل سيڪريٽري حنا زهري ، شاعر محمد جمن جانب سومرو ، ضامن شاهه ، جسقم اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ، سيد ممتاز شاهه ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، ۽ ٻين خطاب ڪندي تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو جي تاريخي خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو. تقريب جي آخر ۾ لوڪ فنڪارن قومي گيت ڳائي داد حاصل ڪيو . جڏهن ته انهي موقعي تي تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو کي علم و ادب اڪيڊمي طرفان سندس عظيم ادبي خدمتن تي تاحيات ايوارڊ جو اعزاز ۽ سنڌي پٽڪو پارايو ويو.

بقايا سنڌيار 34

کي سنڌ جي ناليواري تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو مخاطب ٿيندي چيو ته قديم اولائي انسان جي تاريخ جو تسلسل سنڌ جي قديم آڳاٽي تاريخ ۾ ان جا آثار ملڻ ۽ تهذيب تمدن جو ذڪر سنڌ کي اعزاز حاصل آهي . جنهن ۾ سنڌ دنيا جي کيترن ئي لاتعداد ملڪن مان هڪ الڳ پنهنجي سڃاڻپ رکي آهي . سنڌ جي هزارين سالن جي قديم آڳاٽي تاريخ جا آثار دنيا جي اندر تمام گهٽ ملڪن ۾ موجود آهن جنهن مان سنڌ جي موهن جي دڙي کان وٺي هڙاپا ، ڪارونجهر جي آثارن جو تاريخي سلسلو آهي جنهن ۾ ترجي مٽي سان ان جي مون شروعات ڪري تاريخ کي پنهنجي قلمي پورهيي سان محفوظ ڪرڻ جو قومي ادبي ڪردار ادا ڪيو آهي . مون جيڪو به قلمي پورهيو ڪيو آهي اهو پنهنجو فرض سمجهي ادا ڪيو آهي . منهنجي محمد بخش نالي مان مشڪور جو تخلص سنڌ جي هارين لاءِ ڪليڪٽري جي عهدي کي ڇڏي پاڻ کي هاري انقلاب جو حصو بڻائيندڙ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مون کي تخلص ڏنو جنهن جي ڪري سڄي سنڌ ۾ مشڪور نالي سان منهنجي سڃاڻپ آهي جيڪا سڃاڻپ منهنجو اعزاز آهي . پنهنجي لکڻين ۾ مون تاريخ کي محدود رکڻ سان گڏ سنڌ جي قومي ڪاز لاءِ لکيو آهي . حياتي جي آخري پساهه تائين اها جنگ جاري رکندس . تقريب کي سنڌ جي تاريخدان حڪيم محمد يوسف ڪتري خطاب ڪندي چيو ته سنڌ صدين کان خوشحال آباد رهي آهي . تاريخ جو وڏو لازوال مثال آهي جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ هزارين سالن جي تاريخ جو محور آهي . دنيا ۾ سنڌ جي تاريخ جو جيڪو مثال ملي ٿو ان جي اڄان تائين ڪا ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي . سنڌ جتي هزارين سال اڳ انساني حياتي ۾ ترقي جو تصور ڏنو . اهو اڄ جي جديد دور جو حصو آهي . تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو پنهنجي قلمي پورهيي کي سفر جي ذريعي عملي طور پنهنجي ڪتابن ۾ لکڻين ذريعي ان کي محفوظ رکي تمام گهڻي ڄاڻ کان سنڌ جي نوجوان نسل کي آگاهي ڏني آهي . تقريب کي علم و ادب اڪيڊمي جي سرپرست اعليٰ سيد فتح علي شاهه شمسي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اولائي دور ۾ جيڪا پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي آهي . ان دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي تاريخ ۾ سمورا تاريخي ورق سنڌ جي سڃاڻپ آهن . سنڌ صدين کان پنهنجي تاريخ کي غلامي جي زنجيرن مان نجات ڏياري محفوظ ڪرڻ لاءِ عظيم قربانين جو مثال قائم ڪيو آهي . سنڌ تي ڌارين جي حملن سان سنڌ جي تاريخ متاثر ٿي آهي . سنڌ جا کيترائي اثاثا حملن ۾ ضايع ٿيا آهن پر قدرتي وسيلن جي اڻ لپ خزانن جو سنڌ ۾ جبل ، دريا، سمنڊ ، ڪوٽلي ۽ تاريخي جاين ان کي جياپي ۾ شامل رکيو آهي . تاريخدان مشڪور قلڪارو سنڌ جو اهڙو اڏول هيرو آهي جيڪو اسان کي اڻ لپ قومي هيرن ۾ شامل آهي . جنهن کي اسان کي سندس حياتي ۾ مڃتا جو اعزاز ڏئي رهيا آهيون . تقريب کي ٽنڊو محمد خان جي اڳوڻي ضلعي نائب ناظم پير اشفاق جان سرهندي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تاريخ هزارين سالن جي طويل ورقن جو اهڙو محور آهي جنهن پوري دنيا کي حيرت ۽ اچرج ۾ آڻي ڇڏيو آهي سنڌ جي ڏاهي پورهيت توڙي تعليمي قابليت جي معمار عالمن سنڌ جي تاريخ کي ڪتابن ۾ محفوظ ڪيو آهي . مشڪور قلڪارو به سنڌ جو اڏول ليک آهي جنهن تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۾ پنهنجو بهترين قومي ڪردار ڪيو آهي . تقريب کي شاعر نوشاد پٽي ، علم و ادب اڪيڊمي جو صدر عبدالغفور ڪنڀار ،ليڊيز ونگ جي جنرل سيڪريٽري حنا زهري ، شاعر محمد جمن جانب سومرو ، ضامن شاهه ، جسقم اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ، سيد ممتاز شاهه ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، ۽ ٻين خطاب ڪندي تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو جي تاريخي خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو. تقريب جي آخر ۾ لوڪ فنڪارن قومي گيت ڳائي داد حاصل ڪيو . جڏهن ته انهي موقعي تي تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو کي علم و ادب اڪيڊمي طرفان سندس عظيم ادبي خدمتن تي تاحيات ايوارڊ جو اعزاز ۽ سنڌي پٽڪو پارايو ويو.

بقايا سنڌيار 35

کي سنڌ جي ناليواري تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو مخاطب ٿيندي چيو ته قديم اولائي انسان جي تاريخ جو تسلسل سنڌ جي قديم آڳاٽي تاريخ ۾ ان جا آثار ملڻ ۽ تهذيب تمدن جو ذڪر سنڌ کي اعزاز حاصل آهي . جنهن ۾ سنڌ دنيا جي کيترن ئي لاتعداد ملڪن مان هڪ الڳ پنهنجي سڃاڻپ رکي آهي . سنڌ جي هزارين سالن جي قديم آڳاٽي تاريخ جا آثار دنيا جي اندر تمام گهٽ ملڪن ۾ موجود آهن جنهن مان سنڌ جي موهن جي دڙي کان وٺي هڙاپا ، ڪارونجهر جي آثارن جو تاريخي سلسلو آهي جنهن ۾ ترجي مٽي سان ان جي مون شروعات ڪري تاريخ کي پنهنجي قلمي پورهيي سان محفوظ ڪرڻ جو قومي ادبي ڪردار ادا ڪيو آهي . مون جيڪو به قلمي پورهيو ڪيو آهي اهو پنهنجو فرض سمجهي ادا ڪيو آهي . منهنجي محمد بخش نالي مان مشڪور جو تخلص سنڌ جي هارين لاءِ ڪليڪٽري جي عهدي کي ڇڏي پاڻ کي هاري انقلاب جو حصو بڻائيندڙ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي مون کي تخلص ڏنو جنهن جي ڪري سڄي سنڌ ۾ مشڪور نالي سان منهنجي سڃاڻپ آهي جيڪا سڃاڻپ منهنجو اعزاز آهي . پنهنجي لکڻين ۾ مون تاريخ کي محدود رکڻ سان گڏ سنڌ جي قومي ڪاز لاءِ لکيو آهي . حياتي جي آخري پساهه تائين اها جنگ جاري رکندس . تقريب کي سنڌ جي تاريخدان حڪيم محمد يوسف ڪتري خطاب ڪندي چيو ته سنڌ صدين کان خوشحال آباد رهي آهي . تاريخ جو وڏو لازوال مثال آهي جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ هزارين سالن جي تاريخ جو محور آهي . دنيا ۾ سنڌ جي تاريخ جو جيڪو مثال ملي ٿو ان جي اڄان تائين ڪا ڀيٽ ڪري نٿي سگهجي . سنڌ جتي هزارين سال اڳ انساني حياتي ۾ ترقي جو تصور ڏنو . اهو اڄ جي جديد دور جو حصو آهي . تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو پنهنجي قلمي پورهيي کي سفر جي ذريعي عملي طور پنهنجي ڪتابن ۾ لکڻين ذريعي ان کي محفوظ رکي تمام گهڻي ڄاڻ کان سنڌ جي نوجوان نسل کي آگاهي ڏني آهي . تقريب کي علم و ادب اڪيڊمي جي سرپرست اعليٰ سيد فتح علي شاهه شمسي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ اولائي دور ۾ جيڪا پنهنجي الڳ سڃاڻپ رکي آهي . ان دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو آهي سنڌ جي تاريخ ۾ سمورا تاريخي ورق سنڌ جي سڃاڻپ آهن . سنڌ صدين کان پنهنجي تاريخ کي غلامي جي زنجيرن مان نجات ڏياري محفوظ ڪرڻ لاءِ عظيم قربانين جو مثال قائم ڪيو آهي . سنڌ تي ڌارين جي حملن سان سنڌ جي تاريخ متاثر ٿي آهي . سنڌ جا کيترائي اثاثا حملن ۾ ضايع ٿيا آهن پر قدرتي وسيلن جي اڻ لپ خزانن جو سنڌ ۾ جبل ، دريا، سمنڊ ، ڪوٽلي ۽ تاريخي جاين ان کي جياپي ۾ شامل رکيو آهي . تاريخدان مشڪور قلڪارو سنڌ جو اهڙو اڏول هيرو آهي جيڪو اسان کي اڻ لپ قومي هيرن ۾ شامل آهي . جنهن کي اسان کي سندس حياتي ۾ مڃتا جو اعزاز ڏئي رهيا آهيون . تقريب کي ٽنڊو محمد خان جي اڳوڻي ضلعي نائب ناظم پير اشفاق جان سرهندي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي تاريخ هزارين سالن جي طويل ورقن جو اهڙو محور آهي جنهن پوري دنيا کي حيرت ۽ اچرج ۾ آڻي ڇڏيو آهي سنڌ جي ڏاهي پورهيت توڙي تعليمي قابليت جي معمار عالمن سنڌ جي تاريخ کي ڪتابن ۾ محفوظ ڪيو آهي . مشڪور قلڪارو به سنڌ جو اڏول ليک آهي جنهن تاريخ کي محفوظ ڪرڻ ۾ پنهنجو بهترين قومي ڪردار ڪيو آهي . تقريب کي شاعر نوشاد پٽي ، علم و ادب اڪيڊمي جو صدر عبدالغفور ڪنڀار ،ليڊيز ونگ جي جنرل سيڪريٽري حنا زهري ، شاعر محمد جمن جانب سومرو ، ضامن شاهه ، جسقم اڳواڻ عبدالخالق خاصخيلي ، سيد ممتاز شاهه ، قومپرست عوامي اتحاد جي جاويد هاليپوٽو ، ۽ ٻين خطاب ڪندي تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو جي تاريخي خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪيو. تقريب جي آخر ۾ لوڪ فنڪارن قومي گيت ڳائي داد حاصل ڪيو . جڏهن ته انهي موقعي تي تاريخدان ليک مشڪور قلڪارو کي علم و ادب اڪيڊمي طرفان سندس عظيم ادبي خدمتن تي تاحيات ايوارڊ جو اعزاز ۽ سنڌي پٽڪو پارايو ويو.

بقايا سنڌيار 36

تنظيمن اڳواڻن سميت سوين شهري شريڪ. تدفين. نوجوان جي قتل جو اطلاع تي واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال پهچايو وڌيڪ جاچ جاري آ. پوليس پوليس ڪاروائي ڪري شڪ جي بنياد تي عورت سميت چار ڄڻا گرفتار ڪري ورتا. ڪيس داخل نه ٿي سگهيو. خبر موجب گذريل رات دير سان ناروشاهه پرسان نوشهروفيروز لنڪ روڊ تي واقع ڳوٺ نوازيو پاڻ وٽ 6 مهينا اڳ پيار جو پرڻو ڪندڙ نوجوان حسنين قريشي کي نامعلوم جوابدار گولين هڻي فرار ٿي ويا جڏهن ته اطلاع ملڻ تي ناروشاهه پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي ناروشاهه رورل هيلٿ سينٽر تي پهچايو جڏهن ته اسپتال ۾ موجود مقتول نوجوان جي چاچي صحافي تنوير قريشي ميڊيا کي ٻڌايو ته ڀائٽيو ڪراچي ۾ رهندو هو جيڪو ڳوٺ آيل هو جنهن کي نامعلوم هٿيار بند گولي هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا آهن نوجوان ڪراچي ۾ نجي ڪمپني ۾ ملازمت ڪندڙ هو. جڏهن ته ايس ايڇ او ناروشاهه غلام شبير دلواڻي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته نوجوان جي لاش هٿ اچڻ جو اطلاع ملڻ تي واقعي واري هنڌ پهچي لاش پوسٽ مارٽم ڪرائڻ لاءِ ناروشاهه اسپتال پهچايو آهي معلوم ٿيو آهي ته قتل ٿيل نوجوان پاران ڪجهه مهينا اڳ پنهنجي رشتيدار اقبال قريشي جي ڌيءُ سان پيار پرڻو ڪيو هو جنهن تي ڪيس ناروشاهه اچڻ تي پابندي لڳل هئي وڌيڪ معاملي جي هر رخ کان جاچ ڪري رهيا آهيون جلد جوابدار گرفتار ڪيا ويندا جڏهن ته ايس ايس پي نوشهروفيروز سهائي عزيز ٽالپر اسپتال پهچي معاملي جي جاچ ورتي ۽ جوابدار جلد گرفتار ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا جڏهن ته ناروشاهه پوليس ڪاروائي ڪندي شڪ جي بنياد تي مقتول جو سهرو اقبال قريشي، احسن، محسن قريشي سميت هڪ عورت کي گرفتار ڪري گهر ۾ بيٺل موٽر سائيڪل تحويل ۾ وٺي ڇڏي آهي جڏهن ته الزام هيٺ آيل اقبال قريشي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو شادي بعد قرآن تي نوجوان سميت ڌيءُ سان سڀ معاملا ختم ڪري واسطو ختم ڪري ڇڏيا هئا اسان ڪيس سان منهن ڏيندا سين جڏهن ته خبر لکڻ وقت تائين واقعي جو ڪرو ڪيس وغيرا داخل نه ٿي سگهيو آهي جڏهن ته پوسٽ مارٽم بعد لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو نوجوان جي جنازي نماز ۾ سياسي سماجي صحافي اڳواڻ شاهد راڄپر، اڳوڻي وائيس چيئرمين راناعاشق راجپوت، رانا وقار، سجاد قريشي، رانا جبار راجپوت، شهزاد خانزاده سميت سوين شهرين شرڪت ڪئي جڏهن ته نوجوان کي سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 37

وٺي حاظرن کي خطاب ڪندي فقر عبدالرحمـ محمدا طاهر چيو ته حضرت ابوبڪر صديق جي زندگ قامت تائين لاءِ انسانن ۽ مسلمانن لاءِ بهترين هدات جو نمونو آهي سندن جي دين اسلام لاءِ ڏنل جاني ۽ مالي قربانن کي همشهاد رکو ويندو سندن جي نبي پاڪ سان ڪيل محبت جو دنيا ۾ ڪوئي مثال به ڪونه ملي سگهندواج جي دور ۾ سندن جي دور خلافت کي مدنظر رکي اگر حڪمراني ڪئي وڃي ته اسانجو معاشرو هر مسئلا کان پاڪ بڄ ويندو

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com